جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | جمعو 02 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 19 ربيع الثاني 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 351

سنڌ ڪابينا پاران ميرضا علي انڪوائري ڪميشن جي مدت ۾ واڌ، 20 آڪٽوبر کان فلور ملن کي سرڪاري ڪڻڪ جاري ڪرڻ جو حڪم

صوبي ۾ اٽو مهانگو ٿيڻ تي وڏي وزير مراد علي شاھ جي ڳڻتي، خوراڪ کاتي کي قيمتون ڪنٽرول ڪرڻ ۽ عوام کي ريليز ڏيڻ جي سخت هدايت

پڪڙيل ۽ امپورٽڊ ڪڻڪ سميت صوبي وٽ 91 لک کان وڌيڪ ٻوريون موجود آهن، بازار ۾ اٽو سستو ڪيو ويندو: مخدوم محبوب زمان

صدي پراڻو 'گورنمينٽ لينڊز ائڪٽ 1912' تبديل ڪرڻ جو فيصلو، سنڌ ڪابينا ۾ مارڪيٽ ريٽ تي زمينن جي نيلامي لاءِ نئون قانون تيار

عدالتي نظام کي وڌيڪ فعال بڻائڻ ۽ ججن جي سهولت لاءِ 87 نيون سرڪاري گاڏيون خريد ڪرڻ جي منظوري

ناٽي واري ڪابينہ ڪميٽي پاران سرڪيوليشن ذريعي گهوٽڪي ۾ پوليس اسٽيشن خامبرا جي اڏاوت ۽ سنڌ پرائيويٽ سيڪيورٽي ائڪٽ 2026 تحت رجسٽرار جي آفيس قائم ڪرڻ بابت ورتل فيصلن جي پڻ توثيق ڪئي وئي

مير رضا علي انڪوائري ڪميشن جي مدت ۾ واڌ: ڪابينا مير رضا علي جي فوتگي جي جاچ ڪندڙ انڪوائري ڪميشن جي مدت ۾ واڌ جي تجويز تي پڻ بحث ۽ غور ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ صوبائي ڪابينہ جي هڪ اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ مير رضا علي انڪوائري ڪميشن جي مدت ۾ واڌ جي منظوري ڏني وئي، 20 آڪٽوبر کان ڪڻڪ جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو اهم عدالتي تقررين جي توثيق ڪئي وئي، ڪراچي ۾ ماءُ ۽ ٻار جي اسپتال جي منصوبن جي منظوري ڏني وئي، اسٽار_واش پروگرام جي فنڊنگ جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاھ اجلاس جي صدارت ڪندي

وزيراعظم پاران ماهوار معاشي آئوٽ لڪ رپورٽ ۾ ملڪي معيشت جي اهم انگن اکرن ۾ بهتري جي آجيان

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف ماهوار معاشي آئوٽ لڪ رپورٽ ۾ ملڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

عزم استحڪام ويزن تحت اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي وڏي ڪارروائي

راولپنڊي (م د)خيبرپختونخوا جي قبائلي ضلعي اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز ڳجهي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

ڀارت ڪجھ ڪرڻ چاهي ٿو تہ اچي، اسان جو ردعمل تمام سخت هوندو: ڊي جي آءِ ايس پي آر

مارجي ويل دهشتگرد محمد آصف ايس ايس جي جو رٽائرڊ حوالدار آهي، ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري محمد آصف کي ميڊيا سامهون پيش ڪري ڀارتي دعويٰ کي غلط ثابت ڪري ڇڏيو

ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو تہ 29 سيپٽمبر تي ڀارت هڪ ٻيو فالس فليگ آپريشن ڪيو، 29 سيپٽمبر جي رات ڀارتي آرمي جي ڪور سوشل ميڊيا تي هڪ پوسٽ ڪئي

هنن والاريل ڪشمير جي علائقي ۾ آپريشن ڪيو، ڀارتي ڪور دعويٰ ڪئي تہ هڪ دهشتگرد مارجي ويو آهي، جڏهن تہ لشڪر طيبہ جي دهشتگرد جي لاش ملڻ جي بہ دعويٰ ڪئي وئي

ان ڪانپوءِ ڀارت دعويٰ ڪئي تہ محمد آصف ايس ايس جي جو حوالدار آهي، ڀارتي ڪور چيو تہ مارجي ويل دهشتگرد موسيٰ عرف آصف فوجي آهي، مارجي ويل دهشتگرد جي نشاندهي محمد آصف جي نالي سان ٿي

مارجي ويل دهشتگرد جو تعلق پاڪستان سان آهي ۽ محمد آصف ايس ايس جي جو حوالدار آهي، ڀارتي نيوز ايجنسي سروس نمبر سان گڏ تفصيل بہ ڏيڻ جي دعويٰ

محمد آصف تي ڀارتي حڪومت دهشتگردي جي مختلف ڪارروائين جا الزام لڳايا ,ڀارتي حڪومت دعويٰ ڪئي تہ آصف جا ٻيا ٽي ساٿي پڻ مارجي ويا

راولپنڊي (م د) ڀارتي فوج فالس فليگ آپريشن ۾ هڪ دهشتگرد کي مارڻ جي دعويٰ ڪندي چيو تہ مارجي ويل دهشتگرد محمد آصف ايس ايس جي جو رٽائرڊ حوالدار آهي، جڏهن تہ ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري محمد آصف کي ميڊيا سامهون پيش ڪري ڀارتي دعويٰ کي غلط ثابت ڪري ڇڏيو راولپنڊي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو تہ 29/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

ڪي پي صورتحال تي صدر سان مشوري جو فيصلو

پي ٽي آءِ جي 4 آڪٽوبر واري لانگ مارچ جي اعلان ڪانپوءِ ڪي پي بابت مختلف آئيني ۽ قانوني آپشنز تي غور جاري آهي

اجلاس ۾ صورتحال جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ صدر آصف علي زرداري ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز سان مشاورت جو فيصلو ڪيو ويو

اجلاس ۾ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، گهرو وزير محسن نقوي، قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ ۽ ٻين اهم ذميوارن شرڪت

اسلام آباد (بيورو) خيبر پختونخوا ۾ سياسي ۽ امن امان جي صورتحال تي وفاقي حڪومت جون مشاور/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪندي

پنهنجو گهر پروگرام لاءِ 60 ارب جاري، بينڪن لاءِ 340 ارب منظور

هاڻي مسئلو قرضن جي فراهمي جو نہ، پر سپلاءِ سائيڊ کي اڳتي وڌائڻ جو آهي، بينڪنگ انڊسٽري پنهنجو ڪردار ادا ڪري ڇڏيو آهي: محمد اورنگزيب

آباد هائوس ۽ عارف حبيب کي بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، ريٽس ان سلسلي ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندا

ڪراچي(رپورٽر) وفاقي وزير خزانا محمد اورنگزيب چيو آهي تہ وزيراعظم پنهنجو گهر پروگرام/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ڪندي

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار جي صدارت ۾ اجلاس

ڪميٽي ٻاهرئين ملڪ پاڪستاني مشنز جي ڪم کي بهتر بڻائڻ جي قدمن بابت خيالن جي ڏي وٺ

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار پاڪستان جي ٻاهرئين ملڪ مشنز جي انتظام جي لاءِ حڪمت عملي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

سعودي عرب تي حملو ٿيو تہ انهي جو سختي سان جواب ڏنو ويندو: محمد بن سلمان

سعودي عرب کي ڪنهن بہ خطري يا حملي جو نشانو بنايو ويو تہ انهي جو سختي سان جواب ڏنو ويندو، ملڪ ۾ امن استحڪام جي تحفظ ۽ اهم بحري گذرگاهن جي سيڪيورٽي لاءِ دفاعي تعاون کي هٿي ڏئي رهيا آهيون

سعودي عرب کي نقصان پهچائڻ جي ڪنهن بہ ڪوشش جو سختي سان جواب ڏنيو ويندو انهي حوالي سان تياريون بہ جاري آهن: محمد بن سلمان

سعودي ولد عهد سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيہ جي وچ ۾ مڪہ دفاعي معاهدي کي خطي ۾ وڌندڙ تڪرارن جي روڪٿام ۽ سلامتي جي تحفظ جي ڪوشش قرار ڏنو

رياض (م د) سعودي ولي عهد محمد بن سلمان خبردار ڪيو آهي تہ سعودي عرب کي ڪنهن بہ خطري يا حملي جو نشانو بنايو ويو تہ انهي جو سختي سان جواب ڏنو ويندو. ملڪ ۾ امن استحڪام جي تحفظ ۽ اهم بحري گذرگاهن جي سيڪيورٽي لاءِ دفاعي تعاون کي هٿي ڏئي رهيا آهيون. سعودي خبرون ڏيندڙ اداري موجب شوريٰ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

سنڌ ڪابينہ ججز لاءِ 87 گاڏيون خريد ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ جي صدارت هيٺ صوبائي ڪابينہ جو اجلاس ٿيو

جنهن ۾ عدالتي معاملن کي پورو ڪرڻ ۾ سهوليت جي لاءِ 87 سرڪاري گاڏيون خريد ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ڪابينہ ججز لاءِ 87 گاڏيون /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

عطاءُ الله تارڙ سنڌ ٽي وي جي 22هين سالگرھ جو ڪيڪ ڪاٽيو

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ سنڌ ٽي وي جي 22هي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

اسلام آباد: اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ سنڌ ٽي وي جي 22هين سالگرھ جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

اماراتي اڏام واقعي بابت نيتن ياهو سان ڳالھ ٿي: ٽرمپ

اماراتي اڏام واري واقعي بابت اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو سان ڳالھ ٻولھ ٿي آهي

نيتن ياهو ڪيس ٻڌايو تہ هڪ اسرائيلي پلمبر ڪو پائلٽ کي قابو ڪرڻ ۾ مدد ڪئي

واشنگٽن(م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي تہ اماراتي اڏام واري واقعي بابت اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو سان ڳالھ ٻولھ ٿي آهي، جن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

ايران مٿان مڙهيل آمريڪي پابندين تي عمل ڪري رهيا آهيون: پاڪستان

پاڪستان سمورن لاڳاپيل ڌرين سان مسلسل ۽ تعميري رابطي ۾ آهي، پاڪستان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ رابطن ۾ سهولتڪاري جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

پاڪستان ايران ۽ آمريڪا تي اسلام آباد مفاهمتي معاهدي تحت پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ زور ڏئي رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو) پرڏيهي آفيس جي ترجمان سجاد حي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: پرڏيهي آفيس جي ترجمان سجاد حيدر خان پريس بريفنگ ڏيندي

ذهني صحت قومي سلامتي جو معاملو آهي: مصطفيٰ ڪمال

بحران تي ضابطو آڻڻ لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورت آهي. گلوبل مينٽل هيلٿ ڪانفرنس کي خطاب

ذهني صحت جي شعبي ۾ هنگامي بنيادن تي قدم کڻڻ ضروري آهن، ڇو تہ ذهني صحت جو بحران ڳڻتي جوڳو رخ اختيار ڪري چڪو آهي

ڪائونسلر کان وٺي وزيراعظم تائين هر سطح تي ذهني صحت جي بهتري لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

اسلام آباد(بيورو) وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال چيو آهي تہ ذهني صحت قومي سلامتي جو معاملو بڻجي چڪو آهي، بحران تي ضابطو آڻڻ لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورت آهي. گلوبل مينٽل هيلٿ ڪانفرنس کي خطاب ڪندي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

جامعات ۾ سنڌ حڪومت يا سياسي شخصيتن جي مداخلت ناهي: اسماعيل راهو

وائيس چانسلرن جون مقرريون ميرٽ ۽ شفاف طريقيڪار تحت ڪيون پيون وڃن

بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي لياري جي وائيس چانسلر جي استعيفيٰ بابت بيان

سنڌ حڪومت طرفان يونيورسٽين ۾ ڪنهن بہ قسم جي سياسي مداخلت نہ ڪئي پئي وڃي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊز واري وزير محمد اسماعيل راهو چيو آهي تہ سنڌ حڪومت يا ڪنهن بہ سياسي شخصيت طرفان يونيورسٽين جي معاملن ۾ ڪا بہ مداخلت نہ ڪئي پئي وڃي، وائيس چانسلرن جون مقرريون ميرٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

نوڪري جو آسرو 50 کان وڌيڪ عورتن گهرائيندڙ موبائل فون ڪٺي فرار

جنهن بعد پوليس ڪارروائي ڪندي ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

گڏاپ سٽي جي هڪ فارم هائوس تي 50 کان 55 عورتن کي نوڪري لاءِ گهرايو ويو

ڪراچي(رپورٽر)گڏاپ سٽي ۾ نوڪري جو آسرو ڏئي فارم هائوس تي گهرايل 50 کان وڌيڪ عورتن جا موبائل فون ڪٺي فرار ٿيڻ جو واقعو پيش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ايمرجنسي يا گورنر راج لڳايو ويو تہ هر آپشن استعمال ڪنداسين: بيرسٽر گوهر

اوهان هڪ مينڊيٽ کي ختم ڪري رهيا آهيون، اهڙا قدم نہ کڻڻ گهرجن جيڪي عوام جي مرضي جي ابتڙ هجن

گورنر راج يا ايمرجنسي سان حالتون وڌيڪ خراب ٿينديون، اسان گورنر راج جي مذمت ڪنداسين

اسان جو لانگ مارچ پرامن هوندو، خيبرپختونخواھ ۾ گورنر راج لڳائڻ کان پوءِ قومي اسيمبلي سان استعيفائن جو فيصلو ناهي ٿيو

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي تہ جيڪڏهن وفاق ايمرجنسي يا گورنر راج لڳايو تہ اسان هر آپشن استعمال ڪنداسين. صحافين سان ڳالهيون ڪندي بيرسٽر گوهر جو چوڻ هو تہ اوهان هڪ مينڊيٽ کي ختم ڪري رهيا آهيون، اهڙا قدم نہ کڻڻ گهرجن جيڪي عوام جي مرضي جي ابتڙ هجن. پي ٽي آءِ چيئرمين چيو تہ گورنر راج يا ايمرجنس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ايس سي او اجلاس، 45 بلٽ پروف گاڏيون خريد ڪرڻ جو فيصلو

ايس سي او سربراهي اجلاس آگسٽ يا سيپٽمبر 2027 ۾ اسلام آباد ۾ ٿيندو

جنهن ۾ مختلف ملڪن جا سربراھ حڪومت ۽ عالمي تنظيمن جا اعليٰ سطحي وفد شرڪت ڪندا

قابل اعتماد سفري سهولتن جي فراهمي ۽ طئي ٿيل سيڪيورٽي پروٽوڪولز موجب وڌ کان وڌ تحفظ يقيني بڻائڻ ضروري آهي

اسلام آباد (بيورو) حڪومت شنگهائي تعاون تنظيم جي ڪونسل آف هيڊز آف اسٽيٽ اجلاس جي لاءِ 45 بلٽ پروف گاڏيون خريد ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ڪابينہ ڊويزن موجب ايس سي او سربراهي اجلاس آگسٽ يا سيپٽمبر 2/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ايم ڊي ڪيٽ جي ميرٽ لسٽ تيار ڪرڻ کان روڪڻ بابت درخواست رد

عدالت اهڙو حڪم ايم ڊي ڪيٽ ۾ حصو وٺندڙ 10 شاگردن طرفان داخل ڪيل درخواست جي ٻڌڻي دوران ڏنو

معاملو حتمي ٿيڻ تائين ايم ڊي ڪيٽ جي ميرٽ لسٽ تيار ڪرڻ کان روڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ايم ڊي ڪيٽ جي ميرٽ لسٽ تيار ڪرڻ کان روڪڻ بابت درخواست رد ڪندي لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

پي ٽي آءِ جي باني طرفان پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي کي واپس آڻي ڀيهر ڪي پي ۾ رهائڻ پٺيان مڪروه ارادا هئا: خواجہ محمد آصف

پاڪستان کي هڪ تابع رياست بڻائڻ جي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هو نجي فوج جو ڪردار ادا ڪري سگهن

اڄ خيبرپختونخوا جي حڪومت ٽي ٽي پي جي جاري رتوڇاڻ ۽ دهشتگردائي مهم آڏو ڪنهن بہ قسم جي مزاحمت نہ ڏيکاري رهي آهي

خيبرپختونخوا جي حڪومت باقاعده هڪ پاليسي تحت دهشتگردي جي متاثرن سان يڪجهتي جي اظهار کان بہ ڪيٻائي رهي آهي

دهشتگردي جي هن ڪليل مهم سامهون ماٺ ويهي رهڻ حقيقت ۾ دهشتگردن جي ڪليل مدد ۽ حوصلا افزائي جي برابر آهي

اسلام آباد (بيورو) بچاءُ واري وفاقي وزير خواجہ محمد آصف چيو آهي تہ پي ٽي آءِ جي باني پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) کي واپس آڻي خيبرپختونخوا ۾ ڀيهر آباد ڪرڻ پٺيان مڪروه عزم هئا. سوشل ميڊيا پليٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

جماعت اسلامي حڪومت ۽ پي ٽي آءِ جي وچ ۾ ڳالهين لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي آڇ ڪري ڇڏي

سياسي مسئلن جو حل ڳالهين جي ذريعي ڪڍڻ گهرجي. حڪومت کي پي ٽي آءِ سان معنيٰ جوڳيون ڳالهيون ڪرڻ گهرجن

ڳالهين جا 6 دور ٿيا جنهن جو ڪوبہ نتيجو نہ نڪتو ۽ نہ ئي فائدو ٿيو، وزيراعظم پاڻ مداخلت ڪري

ڳالهين جا 6 دور ٿيا جنهن جو ڪوبہ نتيجو نہ نڪتو ۽ نہ ئي فائدو ٿيو، وزيراعظم پاڻ مداخلت ڪري

پي ٽي آءِ باني جي اسپتال منتقلي ۽ ملاقاتن جو معاملو آهي تہ پي ٽي آءِ سان حڪومت ڳالهين جو نٽي ڪري

لاهور (م د) جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم الرحمان گورنر راج يا ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي مخالفت ڪندي حڪومت ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي وچ ۾ ڳالهين جي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي آڇ ڪري ڇڏي. لاهور ۾ پريس ڪانفرن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪي پي ۾ تعليمي نظام تباهي ڏانهن وڃي پيو: پشاور هاءِ ڪورٽ

خيبرپختونخوا جو تعليمي نظام تباهي ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ صوبي تعليمي ترجيحن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو

پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ پشاور يونيورسٽي جي شاگردن کي اسڪالرشپ جون رقمون نہ ملڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي

پشاور(م د) پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس پشاور يونيورسٽي جي شاگردن کي اسڪالرشپ جون رقمون نہ ملڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران ريمارڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پاڪستان جي انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪست/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاھ ملاقات ڪندي

فلاءِ دبئي جي زخمي پائلٽ جي بهادري جا چرچا

ڪراچي(رپورٽر) دبئي کان تل ابيب ويندڙ فلائي دبئي جي هڪ اڏام کي اربع ڏينهن ان وقت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

وفاقي آئيني عدالت جي 126 صفحن تي ٻڌل پريڪٽس اينڊ پروسيجر رولز جاري

اسلام آباد (بيورو) وفاقي آئيني عدالت 126 صفحن تي ٻڌل قاعدا ۽ ضابطا (رولز) پبلڪ ڪري ڇڏيا آهن جن تحت عدالت، توهين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ترقياتي ڪم، سرسيد فلاءِ اوور حسن اسڪوائر طرف بند

ترقياتي ڪم مڪمل ٿيڻ تائين فلاءِ اوور بند رهندو

ٽريفڪ کي متبادل رستن ڏانهن موڙيو ويندو ٽريفڪ پوليس شهرين کي متبادل رستا اختيار ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي(رپورٽر) ترقياتي ڪمن سبب سرسيد فلاءِ اوور کان حسن اسڪوائر طرف ويندڙ رستو ٽريفڪ لاءِ مڪمل بند ڪيو ويو آهي. ٽريفڪ پول/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

سون جي قيمت ۾ 3 هزار روپين جي گهٽتائي سان في تولو 4 لک 38 هزار 636 روپيا ٿي ويو

اسلام آباد (بيورو)سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3 هزار روپين جي گهٽتائي سان في تولو س/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

MINISTRY OF LAW AND JUSTICE
اسلام آباد: وفاقي وزيراعظم نظير تارڙ اجلاس جي صدارت ڪندي

سڪرنڊ ۾ ڪار جو ٽڪر، 3 ڄڻا فوت

ڳوٺ وڃڻ لاءِ سواري جي انتظار ۾ روڊ ڪناري ويٺل هئا، جتي نامعلوم ڪار ڪين ٽڪر هڻي فرار ٿي وئي

واقعي ڪانپوءِ ڪار سوار فرار ٿي ويو، جنهن جي ڳولا جاري آهي

نوابشاھ(رپورٽر)سڪرنڊ ۾ تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. پوليس موجب فوت ٿيل ڄڻا ڳوٺ وڃڻ لاءِ سواري جي انتظار ۾ روڊ ڪنار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

اماراتن کان اسرائيل ويندڙ اڏام جي زخمي پائلٽ جو پهريون بيان سامهون اچي ويو، تصوير بہ جاري

دبئي (م د) متحده عرب امارات کان اسرائيل ويندڙ اڏام ۾ پيش آيل تازي واقعي کان پوءِ اڏ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

گلشن اقبال ۾ بي آر ٽي پل جو ڍانچو ڪري پيو، گارڊ فوت

حادثي ڪانپوءِ امدادي ڪارروائي ڪري ملبي مان فوت ٿيل شخص جو لاش ڪڍيو ويو

ملبي هيٺان وڌيڪ ڪا لاش يا زخمي شخص موجود ناهي

ڪراچي(رپورٽر)گلشن اقبال ۾ بيت المڪرم مسجد پرسان بي آر ٽي منصوبي لاءِ تعمير هيٺ پل جو ڍانچو اوچتو ڪري پيو، جنهن جي ملبي هيٺان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ملڪ ۾ ننڍي عمر جي ٻارن لاءِ سوشل ميڊيا استعمال تي پابندي جو قانون موجود نہ آهي، پي ٽي اي جو عدالت ۾ جواب

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي اسلام آباد هاءِ ڪور/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڊاڪٽر عاصم خلاف ريفرنس، اڳيرائي رپورٽ طلب

جوابدار اقبال زيد احمد خلاف ايف آءِ اي جي انڪوائري بابت 20 آڪٽوبر تائين اڳيرائي رپورٽ طلب ڪري ورتي

شريڪ جوابدار اقبال زيد احمد طرفان ايف آءِ اي جي انڪوائري خلاف داخل ڪيل درخواست جي ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر): سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊاڪٽر عاصم حسين ۽ ٻين خلاف 17 ارب روپين جي مبينا ڪرپشن واري ريفرنس ۾ شريڪ جوابدار اقبال/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

اسلام آباد: وفاقي وزير اورنگزيب ڪجي تقريب کي خطاب ڪندي

افغانستان ۾ پاڪستان جي هوائي ڪارروائي، 22 دهشتگرد مارجي ويا

آپريشن غضب لِلحق جي تسلسل ۾ افغانستان ۾ هوائي ڪارروائي ڪئي وئي

تصديق ٿيل انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي هدفن کي انتهائي درستگي سان نشانو بڻايو ويو

افغانستان جو بدستور دهشتگردي جو مرڪز بڻيل رهڻ ڳڻتي جوڳو آهي ۽ پاڪستان کي درپيش دهشتگردي جو خطرو افغانستان مان پيدا ٿي رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان افغانستان ۾ دهشتگردن خلاف هوائي ڪارروائي ڪندي ڪيترن ئي دهشتگردن کي مارڻ جي دعويٰ ڪئي آهي، شروعاتي اطلاعن موجب ڪارروائي ۾ 22 دهشتگرد مارجي ويا. اطلاعات واري وزارت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

ڪڇي ۾ فورسز جي ڪارروائي، 6 دهشتگرد مارجي ويا

آپريشن ردالفتنہ 3 تحت فتنہ الهندستان خلاف ڪارروائي دوران دهشتگردن کي ڪواڊ ڪاپٽرز ذريعي ڪاميابي سان نشانو بڻايو ويو

مارجي ويل دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيو ويو

علائقي ۾ موجود ممڪن دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي

ڪوئيٽا(م د) بلوچستان جي ضلعي ڪڇي جي سني واري علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران 6 دهشتگرد مارجي ويا. سيڪيورٽي ذريعن موجب آپريشن ردالفتنہ 3 تحت فتنہ الهندستان خلاف ڪارروائي دوران د/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
جمعو 02 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 19 ربيع الثاني 1448ھ

عوام تي معاشي بار ڪڏهن گهٽ ٿيندو؟

پاڪستان هن وقت هڪ اهڙي معاشي دور مان گذري رهيو آهي، جتي هڪ پاسي ملڪ کي پرڏيهي ادائيگين، قرضن ۽ محدود مالي وسيلن جو دٻاءُ آهي ته ٻئي پاسي عام ماڻهو مهانگائي، بجلي ۽ گئس جي وڌندڙ خرچن، روزگار جي کوٽ ۽ گهٽ آمدني سبب سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ آءِ ايم ايف سان جاري ڳالهين دوران توانائي شعبي ۾ وڌيڪ سڌارن، گردشي قرض کي محدود ڪرڻ ۽ مالي هدف پورا ڪرڻ جا مطالبا سامهون اچڻ ان ڳالهه کي ظاهر ڪن ٿا ته معاشي استحڪام جو بار اڃا تائين ملڪ جي عوام ۽ معيشت جي مختلف شعبن تي منتقل ٿيڻ جو خطرو موجود آهي. آءِ ايم ايف سان پاڪستان جو موجوده پروگرام بنيادي طور تي ملڪ جي مالي ۽ پرڏيهي ادائيگين جي صورتحال کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ آهي، جڏهن ته عالمي مالياتي اداري طرفان توانائي شعبي کي وڌيڪ پائيدار بڻائڻ، گردشي قرض جي واڌ روڪڻ ۽ بجلي جي شعبي ۾ ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي. آءِ ايم ايف جي تازي دستاويزن ۾ به توانائي شعبي جي سڌارن کي اهم ترجيح قرار ڏنو ويو آهي ۽ گردشي قرض جي ٻيهر واڌ کي روڪڻ لاءِ قدم کڻڻ تي زور ڏنو ويو آهي.

بلاشڪ ملڪ جي توانائي شعبي جا مسئلا ڪيترن ئي سالن کان موجود آهن. بجلي جي چوري، لائن لاسز، ناقص انتظام، غير موثر ورڇ وارو نظام، بجلي پيدا ڪرڻ جي وڌندڙ لاڳت ۽ گردشي قرض جهڙا مسئلا ڪنهن هڪ حڪومت يا هڪ اداري جي پيداوار ناهن، پر ڪيترن ئي سالن جي پاليسين جو نتيجو آهن. تنهن ڪري انهن مسئلن جو مستقل حل ضروري آهي، پر سوال اهو آهي ته اصلاحات جو سمورو مالي بار آخر ڪنهن تي پوي ٿو؟

عام صارف اڳ ئي بجلي جي ڳرن بلن سان گڏ ٽيڪسن ۽ روزمره جي شين جي وڌندڙ قيمتن جو بار برداشت ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن توانائي شعبي جون خاميون ختم ڪرڻ بدران رڳو محصول وڌائڻ، قيمتون وڌائڻ يا عام صارف کان وڌيڪ رقم وصول ڪرڻ کي حل سمجهيو ويندو ته ان سان صنعتي ۽ زرعي پيداوار به متاثر ٿي سگهي ٿي ۽ عام ماڻهو جي خريداري جي سگهه وڌيڪ گهٽجي سگهي ٿي.

پاڪستان لاءِ اصل ضرورت اهڙي معاشي پاليسي جي آهي، جنهن ۾ قرضن جي ادائيگي ۽ مالي نظم سان گڏ عوام جي معاشي تحفظ کي به بنيادي اهميت ڏني وڃي. آءِ ايم ايف جي پنهنجي 2026ع واري پروگرام ڊيزائن جي جائزي ۾ به چيو ويو آهي ته مالي ترتيب ۽ سڌارا ملڪ جي حالتن، عملدرآمد جي صلاحيت ۽ مختلف طبقاتي اثرن کي نظر ۾ رکندي ترتيب ڏيڻ گهرجن.

اهو به حقيقت آهي ته پاڪستان کي پنهنجي وسيلن ۾ واڌ ڪرڻي پوندي. هر معاشي بحران وقت ٻاهرين قرضن تي ڀاڙڻ سان ملڪ مستقل طور مضبوط نٿو ٿي سگهي. ٽيڪس نظام کي وسيع ڪرڻ، ٽيڪس چوري روڪڻ، غيرضروري سرڪاري خرچ گهٽائڻ، سرڪاري ادارن ۾ شفافيت آڻڻ، ڪرپشن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ ۽ برآمدات وڌائڻ جهڙا قدم وڌيڪ بنيادي اهميت رکن ٿا. جيڪڏهن رياست جا وسيلا وڌندا ته قرضن تي ڀاڙڻ جي ضرورت به آهستي آهستي گهٽجي سگهي ٿي.

خاص طور تي توانائي شعبي ۾ اصلاحات جو مقصد صرف گردشي قرض گهٽائڻ نه هجڻ گهرجي، پر اهڙو نظام قائم ڪرڻ هجڻ گهرجي جنهن ۾ بجلي چوري روڪي وڃي، لائن لاسز گهٽجن، ورڇ ڪندڙ ڪمپنين جي ڪارڪردگي بهتر ٿئي، پيداوار ۽ ورڇ جي لاڳت گهٽجي ۽ صارف کي مناسب قيمت تي قابل اعتماد بجلي ملي. آءِ ايم ايف به توانائي شعبي جي استحڪام لاءِ قيمتن سان گڏ ڪارڪردگي، ورڇ جي نظام ۽ ساختي سڌارن تي زور ڏئي چڪو آهي. سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته غريب ۽ گهٽ آمدني وارن خاندانن لاءِ تحفظ جو مضبوط نظام موجود هجي. آءِ ايم ايف جي پروگرام ۾ به گهٽ آمدني وارن صارفين لاءِ وڌيڪ هدف وارو سبسڊي نظام ۽ ان کي سماجي تحفظ واري نظام سان ڳنڍڻ جو تصور موجود آهي. پاڪستان حڪومت جي ذميواري آهي ته اهڙن قدمن کي عملي شڪل ڏيندي اهو يقيني بڻائي ته معاشي اصلاحات جو بار انهن ماڻهن تي نه پوي، جيڪي اڳ ئي ٻن وقتن جي ماني، ٻارن جي تعليم، علاج ۽ بجلي جي بلن جي وچ ۾ سخت جدوجهد ڪري رهيا آهن.

ملڪ کي معاشي استحڪام ضرور گهرجي، پر اهڙو استحڪام جيڪو عام ماڻهو جي زندگي وڌيڪ ڏکي بڻائڻ بدران سندس زندگي ۾ آساني پيدا ڪري. قرض وٺي قرض لاهڻ بدران پيداوار، روزگار، صنعت، زراعت ۽ برآمدات کي مضبوط ڪرڻو پوندو. حڪومتي ادارن جي خرچن ۾ نظم آڻڻو پوندو ۽ مراعات يافته طبقن کي به معاشي ذميوارين ۾ مناسب حصو وٺڻو پوندو.

اڄ پاڪستان جي عوام جو بنيادي سوال اهو آهي ته معاشي سڌارن ۽ قرضن جي پروگرام مان عام ماڻهو کي ڪڏهن حقيقي رليف ملندو؟ جيڪڏهن هر نئين معاشي معاهدي سان ٽيڪس وڌن، توانائي مهانگي ٿئي ۽ روزمره جي خرچن ۾ اضافو ٿئي، ته پوءِ عوام لاءِ معاشي استحڪام جو مطلب رڳو انگن اکرن ۾ بهتري رهجي ويندو. حقيقي ڪاميابي ان وقت سمجهي ويندي، جڏهن ملڪ جا مالي انگ بهتر ٿيڻ سان گڏ عام ماڻهو جي آمدني، روزگار، خريداري جي سگهه ۽ بنيادي سهولتن تائين رسائي پڻ بهتر ٿيندي. پاڪستان کي قرضن ۽ عالمي ادارن سان معاهدا ڪرڻا پون ته اهي ملڪ جي معاشي ضرورتن جو حصو ٿي سگهن ٿا، پر ڊگهي مدي واري منزل خودمختيار ۽ مضبوط معيشت هجڻ گهرجي. اهڙي معيشت جيڪا پنهنجا خرچ پنهنجي وسيلن مان برداشت ڪري، پنهنجي نوجوانن کي روزگار ڏئي، صنعت ۽ زراعت کي اڳتي وڌائي ۽ پنهنجي عوام کي مسلسل قربانين بدران معاشي تحفظ ۽ بهتر مستقبل فراهم ڪري.

خيبر پختونخوا ۾ سياسي طوفان، گورنر راڄ جون ڳالهيون ڇو؟

غلام مصطفيٰ جمالي

خيبر پختونخوا هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ جي سياسي بحث جو مرڪز بڻجي ويو آهي. صوبي جي امن امان جي صورتحال، وفاق ۽ صوبائي حڪومت وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ 4 آڪٽوبر تي تجويز ڪيل لانگ مارچ سبب سياسي ماحول ۾ بي يقيني وڌي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ گورنر راڄ ۽ هنگامي حالت بابت ٿيندڙ بحث ڪيترن ئي سوالن کي جنم ڏئي رهيو آهي. عوام جي ذهن ۾ به اهو سوال موجود آهي ته آخر صورتحال ڪهڙي رخ ڏانهن وڃي رهي آهي ۽ ڇا وفاق ۽ صوبائي حڪومت وچ ۾ اختلاف ڳالهين ذريعي حل ٿيندا يا معاملو ڪنهن غير معمولي آئيني قدم تائين پهچندو؟

30 سيپٽمبر تي وزيراعظم هائوس ۾ خيبر پختونخوا جي صورتحال بابت اعليٰ سطحي اجلاس جي خبر سامهون آئي آهي، جنهن ۾ مختلف آئيني ۽ سياسي رستن تي غور ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. رپورٽن موجب گورنر راڄ ۽ هنگامي آئيني قدمن سان گڏ سياسي ڳالهين جو رستو پڻ غور هيٺ آهي. تنهن هوندي به هن وقت تائين ڪنهن به حتمي فيصلي جو اعلان نه ڪيو ويو آهي. ان ڪري موجوده صورتحال ۾ ڪنهن به امڪان کي حتمي فيصلو سمجهڻ بدران حقيقتن ۽ آئيني عمل کي سامهون رکڻ ضروري آهي.

خيبر پختونخوا جي صورتحال رڳو هڪ صوبي جي سياسي صورتحال ناهي، پر ان جا اثر سڄي ملڪ جي سياسي ماحول تي پئجي سگهن ٿا. وفاق ۽ صوبن وچ ۾ لاڳاپا پاڪستان جي آئيني ڍانچي جو اهم حصو آهن. جيڪڏهن انهن لاڳاپن ۾ ڇڪتاڻ وڌي ٿي ته ان جو اثر انتظاميا، امن امان، معيشت ۽ عام ماڻهن جي روزاني زندگيءَ تي پڻ پئجي سگهي ٿو. تنهن ڪري اهڙي حساس وقت ۾ سياسي بيان بازي کان وڌيڪ سنجيده ڳالهين ۽ آئيني رستن جي ضرورت آهي.

وفاقي حڪومت طرفان اهو موقف سامهون اچي رهيو آهي ته خيبر پختونخوا ۾ امن امان جي صورتحال ۽ سياسي سرگرمين سبب مختلف آئيني رستن تي غور ڪيو پيو وڃي. وفاقي وزيرن طرفان گورنر راڄ ۽ هنگامي حالت بابت آئيني امڪانن جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف صوبائي حڪومت اهڙي ڪنهن به قدم جي مخالفت ڪري رهي آهي ۽ ان کي سياسي طور قبول نه ڪرڻ جو موقف سامهون آندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ٻنهي ڌرين جا موقف پنهنجي جاءِ تي موجود آهن. پر ملڪ لاءِ اهم ڳالهه اها آهي ته اختلاف ڪنهن وڏي ٽڪراءَ ۾ تبديل نه ٿين.

خيبر پختونخوا اڳ ئي دهشتگردي جي سنگين مسئلي کي منهن ڏئي رهيو آهي. هن صوبي جي پوليس، سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ عام شهرين وڏي عرصي کان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ قربانيون ڏنيون آهن. ڪيترن ئي خاندانن پنهنجا پيارا وڃايا آهن. ڪيترن ئي علائقن ۾ امن جي بحالي لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون ويون آهن. اهڙي صورتحال ۾ سياسي اختلافن کي امن امان جي مسئلي سان گڏ ملائڻ بدران ٻنهي معاملن کي الڳ الڳ ڏسڻ جي ضرورت آهي. دهشتگردي خلاف جنگ قومي مسئلو آهي ۽ ان لاءِ وفاق ۽ صوبائي حڪومت وچ ۾ گڏيل حڪمت عملي ضروري آهي.

ٻئي طرف 4 آڪٽوبر تي تجويز ڪيل لانگ مارچ سياسي صورتحال کي وڌيڪ حساس بڻائي ڇڏيو آهي. سياسي جماعتن کي احتجاج جو جمهوري حق حاصل آهي، پر احتجاج سان گڏ قانون جي پابندي به ضروري آهي. جيڪڏهن احتجاج پرامن طريقي سان ٿئي ته سياسي اختلافن جو اظهار جمهوري عمل جو حصو بڻجي سگهي ٿو، پر جيڪڏهن صورتحال تشدد، سرڪاري ملڪيت کي نقصان يا عام شهرين لاءِ مسئلن جو سبب بڻجي ته معاملو وڌيڪ پيچيده ٿي سگهي ٿو. ان ڪري سياسي قيادت تي به وڏي ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته هو پنهنجي ڪارڪنن کي قانون جي دائري ۾ رهڻ جي هدايت ڪري.

ساڳئي وقت حڪومت تي به ذميواري آهي ته سياسي احتجاج کي رڳو انتظامي مسئلو سمجهڻ بدران ان جي سياسي سببن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري. حڪومت وٽ طاقت ۽ اختيار موجود هوندا آهن. پر هر طاقت جو استعمال قانون ۽ آئين جي دائري ۾ ٿيڻ گهرجي. سياسي اختلاف کي ختم ڪرڻ لاءِ اهڙا قدم کڻڻ جن سان مسئلو وڌيڪ وڏو وڃي، ان بدران ڳالهين جا دروازا کليل رکڻ ضروري آهي. گورنر راڄ ڪنهن به حڪومت لاءِ عام سياسي هٿيار نه هجڻ گهرجي. آئين ۾ ان بابت جيڪي شرطون ۽ طريقيڪار موجود آهن. انهن جي مڪمل پابندي ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن صوبي ۾ واقعي اهڙي صورتحال پيدا ٿئي جو آئيني نظام تحت حڪومت هلائڻ ڏکيو ٿي وڃي ته پوءِ ان بابت فيصلو قانون ۽ آئين جي مقرر ڪيل طريقيڪار مطابق ٿيڻ گهرجي. رڳو سياسي اختلاف، احتجاج يا حڪومتي بيان بازي کي بنياد بڻائي ڪو غير معمولي قدم کڻڻ کان اڳ ان جي قانوني حيثيت ۽ نتيجن کي ڏسڻ لازمي آهي. ساڳيءَ طرح هنگامي حالت به هڪ غير معمولي آئيني قدم آهي. ان کي عام سياسي ڇڪتاڻ جو متبادل نٿو بڻائي سگهجي. اهڙي قدم جا اثر رڳو صوبائي حڪومت تائين محدود ناهن رهندا. پر عوام، انتظاميا، سياسي جماعتن ۽ ملڪ جي مجموعي سياسي ماحول تي پڻ پئجي سگهن ٿا. ان ڪري جيڪڏهن اهڙي ڪنهن آپشن تي غور ڪيو وڃي ته ان جا سمورا آئيني، قانوني ۽ انتظامي پهلو سامهون رکڻ ضروري آهن. هتي هڪ اهم ڳالهه اها به آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ وفاقي حڪومت جي ڪجهه بيانن ۾ گورنر راڄ جي امڪان کي رد ڪيو ويو هو. جڏهن ته بعد ۾ وفاقي وزيرن طرفان آئيني رستن تي غور ڪرڻ جي ڳالهه سامهون آئي. موقف ۾ اهڙي تبديلي سياسي حلقن ۾ سوال پيدا ڪري ٿي. عوام به اهو ڄاڻڻ چاهي ٿو ته آخر ڪهڙيون حالتون پيدا ٿيون آهن. جن سبب گورنر راڄ يا هنگامي حالت بابت بحث ٻيهر سامهون آيو آهي.

اهڙي صورتحال ۾ ميڊيا ۽ سياسي جماعتن تي به ذميواري وڌي وڃي ٿي ته افواهن ۽ غير تصديق ٿيل خبرن بدران تصديق ٿيل معلومات عوام تائين پهچائي وڃي. سياسي بحران ۾ هڪ غلط خبر به صورتحال کي وڌيڪ حساس بڻائي سگهي ٿي. عوام کي حقيقت ٻڌائڻ ۽ آئيني عمل بابت آگاهي ڏيڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته جمهوريت صرف ووٽ ڏيڻ جو نالو ناهي. پر عوام کي صحيح معلومات فراهم ڪرڻ پڻ جمهوري نظام جي بنيادي ضرورت آهي.

خيبر پختونخوا جا عام ماڻهو هن سياسي ڇڪتاڻ کان وڌيڪ پنهنجي روزاني مسئلن بابت فڪرمند آهن. انهن کي امن گهرجي، روزگار گهرجي، بهتر تعليم ۽ صحت جون سهولتون گهرجن. روڊ ۽ بنيادي ڍانچو گهرجي ۽ اهڙو انتظامي نظام گهرجي جيڪو سندن مسئلا حل ڪري. جيڪڏهن سياسي قيادت مسلسل هڪ ٻئي سان وڙهندي رهندي ته عوام جا اصل مسئلا پوئتي رهجي ويندا. وفاق ۽ صوبائي حڪومت کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته سياسي اختلاف جمهوريت جو حصو آهن. وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومت جا سياسي موقف مختلف ٿي سگهن ٿا. پر انهن اختلافن باوجود رياستي ادارن ۽ عوام جي معاملن کي هلائڻو پوندو آهي. جيڪڏهن ٻنهي ڌرين ۾ اختلاف آهن ته انهن کي ڳالهين، پارلياماني فورمن ۽ قانوني ادارن ذريعي حل ڪرڻ جي ڪوشش ٿيڻ گهرجي.

خيبر پختونخوا جي موجوده صورتحال ۾ سياسي ڳالهين جي اهميت وڌيڪ وڌي وئي آهي. جيڪڏهن هڪ ڌر وٽ شڪايتون آهن ته ٻي ڌر کي اهي ٻڌڻ گهرجن. ۽ جيڪڏهن صوبائي حڪومت کي وفاق بابت خدشا آهن ته انهن کي به سنجيدگي سان سامهون رکڻ گهرجي. رڳو ڳالهين جو مطلب اهو ناهي ته هڪ ڌر پنهنجي سموري موقف تان هٽ ڪٽي، پر ڳالهين جو مقصد اهو هوندو آهي ته اختلافن جي وچ ۾ اهڙو رستو ڳولهيو وڃي. جنهن سان ملڪ ۽ عوام کي نقصان کان بچائي سگهجي. ملڪ جي تاريخ مان اهو سبق به ملي ٿو ته سياسي بحران صرف سخت قدمن سان مستقل طور ختم ناهن ٿيندا. وقتي طور تي ڪو انتظامي قدم صورتحال تبديل ڪري سگهي ٿو، پر ڊگهي مدي واري سياسي استحڪام لاءِ سياسي مفاهمت، قانون جي بالادستي ۽ آئيني ادارن جي مضبوطي ضروري آهي. سياسي حڪومتون تبديل ٿينديون رهن ٿيون. پر ملڪ جا ادارا ۽ عوام مستقل هوندا آهن. ان ڪري خيبر پختونخوا بابت جيڪو به فيصلو ڪيو وڃي، ان ۾ عوام جي مفاد کي بنيادي حيثيت حاصل هجڻ گهرجي. جيڪڏهن گورنر راڄ بابت غور ڪيو وڃي ٿو ته ان جو آئيني جواز ۽ قانوني گهرجون واضح هجڻ گهرجن. جيڪڏهن هنگامي حالت بابت سوچيو وڃي ٿو ته ان جا آئيني تقاضا ۽ ممڪن اثر به سامهون رکڻ گهرجن. ۽ جيڪڏهن ڳالهين جو رستو موجود آهي ته ان کي سنجيدگي سان استعمال ڪرڻ گهرجي.

سياسي جماعتن کي به اهو سوچڻو پوندو ته سندن سياسي جنگ جو سڀ کان وڏو اثر عام ماڻهو تي پوي ٿو. جڏهن روڊ بند ٿين ٿا، ڪاروبار متاثر ٿئي ٿو. اسڪولن ۽ آفيسن جي سرگرمين ۾ خلل پوي ٿو ۽ شهرين ۾ خوف پيدا ٿئي ٿو ته نقصان ڪنهن هڪ سياسي جماعت جو نه. پر سڄي سماج جو ٿيندو آهي. تنهن ڪري احتجاج به اهڙي انداز ۾ ٿيڻ گهرجي، جنهن سان عام ماڻهن جي زندگي ممڪن حد تائين متاثر نه ٿئي.

وفاقي حڪومت لاءِ به اهو وقت سياسي اعتماد بحال ڪرڻ جو آهي. جيڪڏهن حڪومت پنهنجي هر فيصلي کي واضح قانوني ۽ آئيني بنيادن سان عوام آڏو رکندي ته ڪيترائي خدشا پاڻمرادو گهٽجي سگهن ٿا. ساڳئي وقت صوبائي حڪومت کي به پنهنجي پاليسين ۽ سياسي سرگرمين بابت واضح موقف رکڻ گهرجي ته جيئن عوام ۾ غير يقيني گهٽجي. اصل مسئلو گورنر راڄ يا هنگامي حالت جي بحث کان به وڏو آهي. اصل سوال اهو آهي ته ملڪ ۾ سياسي اختلافن کي ڪهڙي طريقي سان آئيني ۽ جمهوري دائري اندر حل ڪيو وڃي. جيڪڏهن هر سياسي اختلاف جو جواب طاقت جي صورت ۾ ڏنو ويندو ته سياسي ادارا ڪمزور ٿيندا. جيڪڏهن هر اختلاف جو حل ڳالهين ۽ قانوني ادارن ذريعي ڳوليو ويندو ته جمهوريت وڌيڪ مضبوط ٿيندي. خيبر پختونخوا ۾ موجوده صورتحال کي ڏسندي ملڪ کي ڪنهن نئين محاذ آرائي بدران سياسي استحڪام جي ضرورت آهي. دهشتگردي خلاف جنگ، معاشي مسئلا، بيروزگاري، مهانگائي ۽ عوامي سهولتن جي کوٽ جهڙا مسئلا اڳ ئي ملڪ لاءِ وڏا چئلينج آهن. انهن مسئلن جي وچ ۾ هڪ نئون سياسي بحران عوام لاءِ وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ڪري سگهي ٿو. آخرڪار ڳالهه وري ساڳي آهي ته حڪومتون اينديون ۽ وينديون رهنديون. سياسي جماعتون اقتدار ۾ اينديون ۽ مخالف ڌر ۾ وينديون رهنديون. پر رياست ۽ عوام جو مستقبل مستقل اهميت رکي ٿو. خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ بابت ڳالهيون هجن يا هنگامي حالت جو ذڪر، هر قدم آئين ۽ قانون جي دائري ۾ ٿيڻ گهرجي. هن وقت ملڪ کي اهڙي فيصلي جي ضرورت آهي، جيڪو سياسي بحران کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ بدران امن، استحڪام ۽ عوام جي اعتماد کي مضبوط ڪري. وفاق ۽ صوبائي حڪومت وچ ۾ اختلاف پنهنجي جاءِ تي، پر عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ، صوبي ۾ امن ۽ ملڪ جي آئيني نظام جو احترام سڀني کان اهم هجڻ گهرجي. جيڪڏهن سياسي قيادت هن ڳالهه کي اوليت ڏئي ٿي ته خيبر پختونخوا جي موجوده صورتحال کي وڌيڪ ٽڪراءَ بدران ڳالهين ۽ آئيني عمل ذريعي اڳتي وڌائڻ جو رستو پيدا ٿي سگهي ٿو.

سنڌ کي ٽوڙڻ:سنڌين کي ميسارڻ جي برابر آهي

طفيل مگسي

ڪيترن ئي ڏينهن کان خريد ڪيل تعصب سان سرشار اردو اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ انهن جا ڪرائي تي ورتل اينڪرز پنهنجن ضميرن جو سودو ڪندي مال ڪمائڻ جي چڪر ۾ ۽ ڪجھ سوشل ميڊيا تي پنهنجن آقائن کي ڏيکارڻ ۽ خوش ڪرڻ جي لاءِ ۽ ڪي ادارن جون پڇ لٽڪائو سياسي پارٽيون جن جي پنهنجي ڪا اوقات به ناهي اهي سدائين کان اسٽيبلشمنٽ جي اشارن تي سنڌ جي پنجن هزارن سالن جي تاريخ کي رد ڪرڻ ۽ سنڌ جي ڪرنگهي واري شهر جي حيثيت رکندڙ ڪراچي جي وسيلن ۽ شهر تي ڏاڍ مڙسي سان قبضي ڪرڻ وارين ڪوششن ۾ ڏينهن رات ان ريت مصروف آهن ته رات جو خوابن ۾ به ڪراچي کي الڳ ڏسڻ لڳا آهن ۽ بنا ڪنهن تاريخي مطالعي جي سنڌ جي ڪرنگهي واري حيثيت رکندڙ شهر کي پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي ملڪيت سان گڏوگڏ اها به ڄاڙي هٽندي ٽڪجن ئي نٿا ته ڪراچي کي هنن معتبرن اچي ٺاهيو هو جن وٽ رهڻ جي لاءِ نه گهر نه کائڻ جي لاءِ ماني ۽ نه پهرڻ جي لاءِ ڪو جسم تي صحيح سلامت ڪپڙو هو هنن کان اڳ ڄڻ ته سنڌ جو ڪو نالو ونشان نه هوانهن ڪند ذيت ۽ نسل پرستي جي پوڄارين کي ياد رکڻ گهرجي ته انهن ته 1946ء کان هجرت ڪئي هئي پوءِ ڪين ڪهڙي خبر ته اڳ ڪراچي جي ڪا حيثيت نه هئي ۽ اسان هجرت ڪانپوءِ ڪراچي کي زنده رکيواهڙن تعصب پرستن کي شرم اچڻ گهرجي ته اهي سنڌ جي پنج هزار سالن جي تاريخ کي ائين بدلائي ڇڏين ٿا ته انهن بيوقوفن کي شايد خبر ناهي ته ڪراچي سنڌ جي تاريخ،تهذيب ۽ سڃاڻپ جو اهم حصو رهيو آهي يعني ڪراچي تاريخي طور تي صدين کان سنڌ جو ساموندي شهر رهيو آهي ۽ مختلف دورن ۾ سنڌجي واپار،ثقافت ۽ معشيت جو مرڪز بڻجدو رهيو آهي،مورخن جي مطابق ڪراچي جي جغرافيائي ۽ تاريخي حيثيت کي سنڌ کان الڳ نٿو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ ته اهو شهر سنڌ جي سرزمين تي آباد ٿيو ۽ سنڌ جي پراڻي تهذيب،ثقافت ۽ روايتن جو امين رهيو آهي ۽ اهو شهران وقت به آباد هوجڏهن اوهان جا الائي نسل به پيدا ٿيل هئا

ڪراچي سنڌ جي تاريخ،تهذيب ۽ سڃاڻپ جو هڪ اهم حصو آهي،تاريخي طور تي ڪراچي صدين کان سنڌ جو ساموندي شهر رهيو آهي ۽ مختلف دورن ۾ سنڌ جي واپار،ثقافت ۽ معشيت جو مرڪز رهيو آهي،مورخن جي مطابق ڪراچي جي جغرافيائي ۽ تاريخي حيثيت سنڌ کان الڳ نٿي ڪري سگهجي

برطانوي دور کان اڳ به ڪراچي سنڌ جي حڪمرانن ۽ مقامي آبادي جي اثر هيٺ اهم بندرگاهي علائقو هو ۽ اڄ به ڪراچي نه صرف سنڌ جي گادي جو هنڌ رهيو آهي بلڪهن کي سنڌ جي معاشي ڪرنگهي جي حيثيت ۽ تاريخي ورثي جو اهم مرڪز سمجهيو وڃي ٿو

هڪ سخت حقيقت اها آهي ته سنڌ صدين کان ٻاهرين طاقتن جي ڇڪتاڻ جو ميدان بڻيو رهيو هر اچڻ وارو ڦورو ۽ لٽيرو پاڻ سان گڏ هڪ نئون جهنڊو،نئون عقيدو ۽ نئين حڪمراني وٺي آيو مگر سنڌ جي عام هندو جي حصي ۾ محرومي،محڪومي ۽ استحصال ئي آيوفاتحن پنهنجي اقتدار کي تهذيب،مذهب ۽ چونڪاري جي نالي تي جائز قرار ڏنو ليڪن تاريخ جو ٻيو رخ اهو به ٻڌائي ٿو ته طاقت اڪثر پنهنجي لاءِ اخلاقي سبب گهڙي وٺندا آهن

هتي اهو سوال اڻٽر ڪوڙوهه ناهي ته سنڌ جي پراڻي سماجي ۽ ثقافتي ڍانچي تي انهن فتحن جا ڪهڙا اثر مرتب ٿيا،ڪيترين ٻولين خاموش ٿيون،ڪيترين روايتون مٽجي ويون،عقيدا پسمنظر ۾ ڌڪيا ويا ۽ ڪيترائي ماڻهو پنهنجي ئي سرزمين تي اجنبي بڻايا ويا،تاريخ جو سنجيده مطالعو انهن ئي سوالن کي دٻائڻ جي بجاءِ انهن جو سامهون ڪري ٿو

باوجود انهيءَ جي انصاف جي اها به گهرج آهي ته ظلم جي پاڙ اڪثر طاقت ۽ اقتدار ۾ هوندي آهي نه ته صرف عقيدي ۾ قبضو ڪندڙ حڪمران بدلبا رهيا پر استحصال جا طريقا اڪثر هڪجهڙا رهيا

سنڌ ڪنهن هڪ فاتح هڪ مذهب يا هڪ عقيدي جي جاگير ناهي،سنڌ هندن جو گڏيل ورثو آهي،جن هن ڌرتي تي زندگي گهاري،هن جي مٽيءَ ۾ پنهنجا خواب اڻيا ۽ پنهنجي تهذيب و ثقافت کي زنده رکيا،ٿون،جيڪڏهن اڄ سنڌ جي مستقبل جي ڳالهه ڪرڻي آهي ته ضروري آهي ته تاريخ کي عقيدت جي بجاءِ تنقيد ۽ نفرت جي بجاءِ شعور جي نگاهه سان پڙهيو وڃي ۽ سنڌ جي آئين کي ان جي اصل ۽ نسلي رهواسين يعني هندن کي واپس موٽائي ڏيون،جتي انهن جي حڪمراني واري دور ۾ انسان ته ڏور جي ڳالهه آهي پر جانورن جو شڪار ڪرڻ ۽ وڻن کي وڍڻ هڪ سنگين ڏوهه سمجهيو ويندو هو،جن جون سخت سزائون مقرر هونديون هيون،سنڌ کي اڄ انهن جي سخت ضرورت رهي آهي،جيڪي 78 سالن کان سنڌ کي پنهنجو نه ڪري سگهيا آهن،انهن کي واپس يوپي،سي،لکنو موڪليو وڃي ونهنجي ابن ڏاڏن جي سرزمين تي ته يقينن هي پرڳٽو هڪ پيرو وري امن،سنون ۽ شانتي جو گهوارو بڻجي ويندو،جيئن اشوڪ جي دور ۾ سنڌ هئي،اسان ايتا وُه بيوقوف ناهيون ته هن وقت جهڙي ريت سنڌ جي اندر ڇاٽي واٽي ڪرائيدارن جي هٿان،جيڪو ماحول پيدا ڪيو پيو وڃي اهو سنڌ جي قبضي ڪرڻ جي ناپاڪ ارادن جو ڏس آهي ۽ طاقتور قوتون چاهين ٿيون ته سنڌ جي شهر ڪراچي سان گڏوگڏ ٺٽو جي ساموندي پٽيءَ تائين انهيءَ تي قبضو ڪري امريڪا جي حوالي ڪيو وڃي،ليڪن هڪ ڳالهه ڪين کي به ڄاڻڻ گهرجي ته سنڌ سنڌي ماڻهن جي صرف ڌرتي ناهي بلڪ سنڌ هڪ وطن آهي ۽ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي وطن جي لاءِ سڀ ڪجهه قربان ته ڪري سگهن ٿا،مگر ڪنهن به لچ لوفر کي پنهنجي ڌرتي تي قبضي ڪرڻ جي هرگز اجازت نٿا ڏئي سگهن،هونئن به هي دور بيٺڪيتن جو دور ناهي رهيو بلڪ ماضيءَ جون بيٺڪيون بٺيل هن وقت ملڪن جي صورتحال اختيار ڪري رهيون آهن،شرم جي ڳالهه آهي ته هاڻي سنڌ کي ورهائڻ جي لاءِ ملان مولان کي به استعمال ڪيو پيو وڃي ۽ گڏوگڏ انهن دشمنن هترادو طالبان به پيدا ڪيا آهن،جيڪي پنهنجي ئي پيداوار آهن مطلب ته ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان پنهنجي قبضي ڪرڻ جو رستو صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا،جيڪڏهن مقتدره قوتون پنهنجين انهن چالبازين کان باز نٿيون اچن ته پوءِ ڌرتي جي وارثن کي اهو حق آهي ته جهڙي ريت سنڌ پاڪستان ۾ قرارداد جي تحت شامل ٿي هئي انهيءَ قرارداد جي تحت سنڌ هڪ الڳ وطن به ٿي سگهي ٿو!

بقايا *** 01

سيپٽمبر تي پارٽ هڪ ٻيو فالس فليگ آپريشن ڪيو، 29 سيپٽمبر جي رات پارٽي آرمي جي ڪور سوشل ميڊيا تي هڪ پوسٽ ڪئي، پارٽي فوج جي دعويٰ موجب، هنن والاريل ڪشمير جي علائقي ۾ آپريشن ڪيو. پارٽي ڪور دعويٰ ڪئي ته هڪ دهشتگرد مارجي ويو آهي، جڏهن ته لشڪر طيبه جي دهشتگرد جي لاش ملڻ جي به دعويٰ ڪئي وئي ۽ دهشتگرد جو نالو محمد آصف عرف هاشم موسيٰ ٻڌايو ويو. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته ان کانپوءِ پارٽ دعويٰ ڪئي ته محمد آصف ايس ايس جي جو حوالدار آهي، پارٽي ڪور چيو ته مارجي ويل دهشتگرد موسيٰ عرف آصف فوجي آهي. دعويٰ ڪئي وئي ته مارجي ويل دهشتگرد جي نشاندهي محمد آصف جي نالي سان ٿي. پارٽي فوج دعويٰ ڪئي ته مارجي ويل دهشتگرد جو تعلق پاڪستان سان آهي ۽ محمد آصف ايس ايس جي جو حوالدار آهي. پارٽي نيوز ايجنسي سروس نمبر سان گڏ تفصيل به ڏيڻ جي دعويٰ ڪئي، پارٽ دعويٰ ڪئي ته آصف مختلف علائقن ۾ حملا ڪيا. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته محمد آصف تي پارٽي حڪومت دهشتگردي جي مختلف ڪارروائين جا الزام لڳايا،پارٽي حڪومت دعويٰ ڪئي ته آصف جا ٻيا ٽي ساٿي پڻ مارجي ويا، پارٽي دعوائن موجب، آصف اهڙو سپرمين هو، جيڪو اهي سموريون ڪارروائيون ڪندو رهيو، محمد آصف تي پهلگام سميت مختلف ڪارروائين جا الزام لڳايا ويا، پاڪ فوج جو اهو سپاهي، جنهن بابت پارٽ پروپيگنڊا ڪندو رهيو، اهو هتي موجود آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر محمد آصف کي ميڊيا سامهون پيش ڪري ڇڏيو،ان موقعي تي ڊي جي آءِ ايس پي آر ايس ايس جي جي حوالدار محمد آصف کي ميڊيا سامهون پيش ڪري ڇڏيو، ميڊيا سان ڳالهائيندي حوالدار محمد آصف چيو ته مان ضلعي اٽڪ جي پنڊي گهيب جو رهواسي آهيان، ڪالهه مون کي دوستن جا فون آيا ته مون کي پارٽي فورسز ماري ڇڏيو آهي، هن چيو ته ڪيس سوشل ميڊيا ذريعي خبر پئي ته پارٽ مون کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي، شهيد ٿيڻ جي خبر کانپوءِ مون کي فون ڪالز اچڻ شروع ٿي ويون، حيرت ٿي ته مان پنهنجي گهر ۾ موجود آهيان، ته پوءِ پارٽي فوج مون کي ڪيئن شهيد ڪري ڇڏيو؟ محمد آصف چيو ته مان 2023ع ۾ ايس ايس جي مان رٽائر ٿيو آهيان، وطن خاطر بهادري سان وڙهيو آهيان ۽ اڳتي به وطن جي خدمت لاءِ حاضر آهيان، پارٽ جي بي بنياد ۽ من گهڙت الزام جي سخت مذمت ڪريان ٿو، مان هڪ سيڪيورٽي ڪمپني ۾ ڪم ڪريان ٿو ۽ راولپنڊي ۾ رهندو آهيان، پارٽ منهنجي ملڪ تي غلط مڙهيو آهي.

بقايا *** 02

ون تيز ٿي ويون آهن. جڏهن ته پي ٽي آءِ جي 4 آڪٽوبر واري لانگ مارچ جي اعلان کانپوءِ ڪي پي بابت مختلف آئيني ۽ قانوني آپشنز تي غور جاري آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ صورتحال جو جائزو وٺڻ کانپوءِ صدر آصف علي زرداري ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز سان مشاورت جو فيصلو ڪيو ويو آهي.وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، گهرو وزير محسن نقوي، قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ ۽ ٻين اهم ذميوارن شرڪت ڪئي.اجلاس دوران خيبر پختونخوا جي امن امان جي صورتحال، پي ٽي آءِ جي امڪاني لانگ مارچ، بئڪ ڊور رابطن ۽ صوبائي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف آئيني ۽ قانوني آپشنز تي غور ڪيو ويو. ايمرجنسي يا گورنر راڄ تي غور ذريعن موجب اجلاس ۾ خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي يا گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جي آپشنز تي به غور ڪيو ويو، جڏهن ته ان حوالي سان قانوني ۽ آئيني معاملن جو جائزو ورتو ويو. ٻئي طرف تازي رپورٽن موجب وفاقي حڪومت في الحال ڪي پي ۾ فوري طور ايمرجنسي يا گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ وڌيڪ مشاورت جاري رکڻ جو اشارو ڏنو ويو آهي. صدر ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز سان مشاورت ذريعن جو چوڻ آهي ته وزيراعظم شهباز شريف ڪي پي جي صورتحال بابت صدر آصف علي زرداري ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز کي اعتماد ۾ وٺندو. جنهن کانپوءِ ايندڙ حڪمت عملي بابت فيصلو ڪيو ويندو. اجلاس ۾ گهرو وزير محسن نقوي طرفان ملڪ ۽ خاص طور خيبر پختونخوا جي امن امان واري صورتحال تي بريفنگ پڻ ڏني وئي، جڏهن ته پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ ۽ بئڪ ڊور رابطن جو به جائزو ورتو ويو. لانگ مارچ به اهم معاملو پي ٽي آءِ پاران 4 آڪٽوبر تي اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ جي اعلان کانپوءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن وچ ۾ سياسي ڇڪتاڻ وڌيل آهي. وفاقي حڪومت پاران صورتحال بابت مشاورت جاري رکڻ سان گڏ لانگ مارچ ۽ ڪي پي جي امن امان واري صورتحال کي به گڏيل طور ڏٺو پيو وڃي.

بقايا *** 03

تحت 60 ارب رپيا جاري ٿي چڪا آهن. جڏهن ته بينڪنگ انڊسٽري 340 ارب روپين جي قرضن جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي.تقريب کي خطاب ڪندي محمد اورنگزيب چيو ته هائوسنگ مسئلو قرضن جي فراهمي جو نه، پر سپلاءِ سائيڊ کي اڳتي وڌائڻ جو آهي، بينڪنگ انڊسٽري پنهنجو ڪردار ادا ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته آباد هائوس ۽ عارف حبيب کي به پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، ريٽس ان سلسلي ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندا. وفاقي وزير چيو ته 29 مارچ 2024ع تي جڏهن هو ٻيهرون پيرو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج آيو ته 100 انڊيڪس 67 هزار پوائنٽن تي هو، جيڪو هاڻي هڪ لک 70 هزار تائين پهچي چڪو آهي. محمد اورنگزيب موجب هلندڙ سال گذريل 20 سالن جي ڀيٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ 11 آءِ پي اوز ٿيا آهن، جڏهن ته اڳين سالن دوران سيڙپڪارن جي شموليت ٻيڻي کان وڌيڪ وڌي وئي آهي. هن چيو ته گذريل 12 مهينن دوران اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ جين زي ۽ ملينيلز جي شموليت 85 سيڪڙو رڪارڊ ٿي آهي.

بقايا *** 04

رڪارڊ ٿي آهي. پي بي ايس مطابق ان عرصي دوران امپورٽ جي ماليت 168 ملين ڊالرن تائين گهٽجي وئي جڏهن ته آگسٽ 2025ع دوران مڪمل ۽ نيم تيار تيل گاڏين جي امپورٽ جي ماليت 171 ملين ڊالرز رهي. اهڙيءَ ريت آگسٽ 2025ع جي قومي امپورٽ ۾ 3 ملين ڊالرن يعني 1.75 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي.

بقايا *** 05

مصطفيٰ ڪمال چيو ته ذهني صحت جي شعبي ۾ هنگامي بنيادن تي قدم کڻڻ ضروري آهن. چو ته ذهني صحت جو بحران ڳنڀير جوڳو رخ اختيار ڪري چڪو آهي. هن چيو ته ذهني صحت جو مسئلو معيشت ۽ قومي سلامتي سان ڳنڍيل آهي. جڏهن ته شعور جي کوٽ سبب ماڻهن کي مختلف مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. وفاقي وزير چيو ته ڪائونسلر کان وٺي وزيراعظم تائين هر سطح تي ذهني صحت جي بهتري لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

بقايا *** 06

ي سان حالتون وڌيڪ خراب ٿينديون. اسان گورنر راڄ جي مذمت ڪنداسين. هن چيو ته اسان جو لانگ مارچ پرامن هوندو. خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راڄ لڳائڻ کان پوءِ قومي اسيمبلي سان استعيفائن جو فيصلو ناهي ٿيو. مضبوط وفاق جي لاءِ خودمختار صوبو تمام گهڻو ضروري آهي. ٻئي طرف سينيٽ ۾ اپوزيشن اڳواڻ علامه راجه ناصر عباس چيو ته اوهان ڳالهيون ڪريو، ٻهانو بنايو پيو وڃي ته دهشتگردي آهي. ڇا بلوچستان ۾ دهشتگردي نه آهي؟ اتي چو گورنر راڄ نه پيو لڳايو وڃي.

بقايا *** 07

فارم ايڪس تي جاري بيان ۾ دفاع واري وزير موقف اختيار ڪيو ته هو ان ڌرين ۾ پنهنجو هڪ حلقو پيدا ڪري رهيو هو ته جيئن پاڪستان کي هڪ تابع رياست بڻائڻ جي ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هو نجي فوج جو ڪردار ادا ڪري سگهن. خواجه محمد آصف چيو ته اڄ خيبرپختونخوا جي حڪومت ٽي ٽي پي جي جاري رتوڇاڻ ۽ دهشتگردائي مهم آڏو ڪنهن به قسم جي مزاحمت نه ڏيکاري رهي آهي. هن الزام لڳايو ته خيبرپختونخوا جي حڪومت باقاعده هڪ پاليسي تحت دهشتگردي جي متاثرن سان يڪجهتي جي اظهار کان به ڪيٻائي رهي آهي. وفاقي وزير چيو ته دهشتگردي جي هن کليل مهم سامهون ماٺ ويهي رهڻ حقيقت ۾ دهشتگردن جي کليل مدد ۽ حوصلا افزائي جي برابر آهي.

بقايا *** 08

اني روپئي جي قدر ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب خميس ڏينهن انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ 01 پئسي جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي، جنهن کانپوءِ ان جي نئين قيمت 277 روپيا 10 پئسا ٿي وئي آهي. انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ سعودي ريال جو اگهه 73 روپيا 79 پئسا جڏهن ته بحريني دينار جو اگهه 734 روپيا 99 پئسا رهيو. اهڙي طرح عماني ريال جو انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ اگهه 719 روپيا 75 پئسا رهيو. ڪويتي دينار جو اگهه 899 روپيا 82 پئسا ۽ قطري ريال جو اگهه 76 روپيا 2 پئسا رڪارڊ ڪيو ويو. ٻئي طرف اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي خريد واري قيمت 277 روپيا 95 پئسا ۽ وڪري واري قيمت 278 روپيا 15 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي.

بقايا *** 09

ون 4 لک 38 هزار 636 روپيا ٿي ويو. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب خميس ڏينهن سون جي في تولي جي قيمت ۾ 3 هزار روپين جي گهٽتائي کانپوءِ في تولو سون 4 لک 38 هزار 636 روپيا ٿي ويو. 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 2 هزار 572 روپين جي گهٽتائي کانپوءِ 3 لک 78 هزار 631 روپين کان گهٽ ٿي 3 لک 76 هزار 59 روپيا ٿي وئي، جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 47 هزار 91 روپين کان گهٽجي 3 لک 44 هزار 733 روپيا ٿي وئي. آل سنڌ صراف جيولرز ايسوسيئيشن جي رپورٽ موجب چاندي جي في تولو جي قيمت ۾ پڻ 50 روپين جي گهٽتائي ٿي جنهن کانپوءِ چاندي في تولو 6 هزار 528 روپيا ٿي وئي.

بقايا *** 10

۾ جواب جمع ڪرائيندي واضح ڪيو آهي ته ملڪ ۾ 16 سالن کان ننڍي عمر جي ٻارن لاءِ سوشل ميڊيا استعمال تي پابندي جو في الحال قانون موجود نه آهي، انهي لاءِ قانون ۽ حاصل اختيارن کان متاثهون ڪري ٻارن جي عمر جي تصديق جو نظام قائم نٿا ڪري سگهون. پي ٽي اي 16 سالن کان ننڍي عمر جي ٻارن تي سوشل ميڊيا جي استعمال تي پابندي بابت ڪيس ۾ پنهنجو تفصيلي جواب اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو. جمع ڪرايل جواب موجب ٻارن کي آن لائين خطرن کان بچائڻ جي لاءِ نئون قانوني ۽ پاليسي فريم ورڪ جوڙڻ ضروري آهي، غيرقانوني آن لائن مواد بلاڪ ڪرڻ جو اختيار محدود ۽ عبوري نوعيت جو آهي، اي سي اي ترميم 2025 جي تحت سوشل ميڊيا پروٽيڪشن اينڊ ريگوليٽري اٿارٽي قائم ڪئي پئي وڃي، پي ٽي اي موجب غيرقانوني مواد ۽ جعلسازي جي شڪايت لاءِ سوشل ميڊيا پروٽيڪشن اينڊ ريگوليٽري اٿارٽي جو قيام جلد عمل ۾ آندو ويندو. سائبر ڪرائمز ۽ اخلاق باخته مواد جي پکيڙ خلاف ڪارروائي هاڻ اين سي سي آئي اي جو مينڊيٽ آهي. تفصيلي جواب موجب پي ٽي اي هينئر تائين 17 لک 89 هزار کان وڌيڪ غيرقانوني آن لائن لنڪس ۽ يو آر ايلزجو جائزو ورتو، آن لائن پيچڪڙي تي هينئر تائين 15 لک 77 هزار کان وڌيڪ غيرقانوني يو آر ايلز کي بلاڪ ڪيو ويو آهي، پي ٽي اي طرفان آن لائن مواد بلاڪ ڪرڻ جي گڏيل شرح 88.20 سيڪڙو رهي، پي ٽي اي موجب ٽڪ ٽاڪ تي 86.68 سيڪڙو، يو ٽيوب تي 87.34 سيڪڙو ۽ فيس بڪ تي 78.57 سيڪڙو لنڪس بلاڪ ڪيا ويا. جڏهن ته انسٽاگرام تي 79.52 سيڪڙو ۽ ايڪس (ٽوئٽر) تي 48.42 سيڪڙو لنڪس بلاڪ ڪيا ويا، اسلام جي خلاف مواد تي 2 لک 3 هزار کان وڌيڪ جڏهن ته ملڪي سلامتي جي خلاف 46 هزار کان وڌيڪ لنڪس بلاڪ ڪيا ويا. جواب ۾ ٻڌايو ويو ته سوشل ميڊيا ڪمپنيون پاڪستان ۾ رجسٽرڊ آهن ۽ نه مقامي قانون جون پابند، ٽيڪنيڪي حدون رڪاوٽ بڻيل آهن. ايڇ ٽي ٽي پي ايس انڪرپشن سبب انفرادي مواد بلاڪ ڪرڻ ناممڪن آهي، پوري ويب سائيٽ کي بند ڪرڻو پوندو آهي. سوشل ميڊيا ڪمپنين سان مقامي تعميل ۽ گريوائس آفيسر جي مقرري جي درخواست تي هينئر تائين ڪوبه رد عمل ناهي مليو پي ٽي اي موجب يونيسيف، ٽڪ ٽاڪ، ميٽا ۽ جي ايس ايم اي سان گڏجي ٻارن جي حفاظت لاءِ آگاهي مهم جاري آهي، ٻارن تي آن لائن ظلم ۽ استحصال جي رپورٽن لاءِ ٽول فري هيلپ لائن 1121 فعال ڪئي وئي آهي. انسٽا گرام تي پاڪستاني صارفين جي لاءِ حفاظتي فيچر ٽين اڪائونٽس جاري ڪيو ويو آهي. پي ٽي اي استدعا ڪئي ته پي ٽي اي جي قانوني دائره ڪار کان ٻاهر گهربل رليف جي حد تائين درخواست رد ڪئي وڃي.اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت، گهرو وزارت ۽ نيشنل ڪميشن آن رائٽس آف چائلڊ به اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پنهنجا جواب جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. درخواستگذار طرفان محمد جلال حيدر ايڊووڪيٽ ۽ يحيٰ فريد ايڊووڪيٽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيا.

بقايا *** 11

زيد احمد خلاف ايف آءِ اي جي انڪوائري بابت 20 آڪٽوبر تائين اڳيرائي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. عدالت اهڙو حڪم ڪالهه شريڪ جوابدار اقبال زيد احمد طرفان ايف آءِ اي جي انڪوائري خلاف داخل ڪيل درخواست جي ٻڌڻي دوران ڏنو. ٻڌڻي دوران ايف آءِ اي جي جاچ آفيسر عدالت ۾ پيش ٿيو. جاچ آفيسر موقف اختيار ڪيو ته اقبال زيد احمد جو بيان رڪارڊ ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڪيس ڪجهه ڏينهن اڳ ئي انڪوائري ملي آهي، تنهن ڪري جواب جمع ڪرائڻ لاءِ وڌيڪ مهلت ڏني وڃي. درخواستگذار جي وڪيل عدالت ۾ موقف اختيار ڪيو ته ايف آءِ اي کي انڪوائري ڪرڻ جو اختيار ئي حاصل ناهي. عدالت ايف آءِ اي کان انڪوائري بابت ايندڙ ٻڌڻي تي اڳيرائي رپورٽ طلب ڪندي ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 20 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 12

هشتگردن کي ڪواڊ ڪاپٽرز ذريعي ڪاميابي سان نشانو بڻايو ويو، جڏهن ته مارجي ويل دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيو ويو، ذريعن جو چوڻ آهي ته علائقي ۾ موجود ممڪن دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي. سيڪيورٽي ذريعن موجب سيڪيورٽي فورسز عزم استحڪام ويزن تحت ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهن.

بقايا *** 13

ڏٻجي هڪ ڊيوٽي گارڊ فوت ٿي ويو ريسڪيو ترجمان موجب حادثي کانپوءِ امدادي ڪارروائي ڪري ملبي مان فوت ٿيل شخص جو لاش ڪڍيو ويو. جڏهن ته ريسڪيو آپريشن مڪمل ڪيو ويو آهي. ريسڪيو اختيارين جو چوڻ آهي ته ملبي هيٺان وڌيڪ ڪا لاش يا زخمي شخص موجود ناهي. اختيارين موجب ڪريل پل جو ڍانچو پي آر ٽي منصوبي جو حصو هو.

بقايا *** 14

يس موجب ترقياتي ڪم مڪمل ٿيڻ تائين فلاءِ اوور بند رهندو، جڏهن ته ٽريفڪ کي متبادل رستن ڏانهن موڙيو ويندو ٽريفڪ پوليس شهرين کي متبادل رستا اختيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا *** 15

س ڏنا آهن ته خيبرپختونخوا جو تعليمي نظام تباهي ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ صوبي تعليمي ترجيحن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ پشاور يونيورسٽي جي شاگردن کي اسڪالرشپ جون رقمون نه ملڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي. درخواستگذار جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته عدالتي حڪم باوجود شاگردن کي اسڪالرشپ جون رقمون نه پيون ڏنيون وڃن. پشاور يونيورسٽي جي اسسٽنٽ رجسٽرار عدالت کان وقت ڏيڻ جي استدعا ڪندي چيو ته مسئلو حل ڪيو ويندو، هن ٻڌايو ته يونيورسٽي کي 2 ارب روپين کان وڌيڪ خسارو آهي ۽ گذريل مهيني ملازمن کي پگهارون 16 تاريخ تي ڏنيون ويون. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته صوبي جو تعليمي نظام تباهي ڏانهن وڃي رهيو آهي، قديم يونيورسٽي کي سنڀالي نه سگهيا آهيون ۽ تعليمي ترجيحن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو ويو آهي. عدالت ۾ ريمارڪس دوران چيف جسٽس چيو ته يونيورسٽي جون زمينون انتهائي گهٽ اگهن تي ليز تي ڏنيون پيون وڃن. يونيورسٽي ۾ شعبا بند ٿي رهيا آهن ۽ شاگردن جي دلچسپي به ختم ٿي رهي آهي. عدالت يونيورسٽي انتظاميا کي شاگردن جو مسئلو حل ڪرڻ جو حڪم ڏيندي هائير ايجوڪيشن ڪميشن (ايڇ اي سي) کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو ۽ ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 16

ري 10 نومبر تائين جواب طلب ڪري ورتو آهي. عدالت اهڙو حڪم ايم ڊي ڪيٽ ۾ حصو وٺندڙ 10 شاگردن طرفان داخل ڪيل درخواست جي ٻڌڻي دوران ڏنو ٻڌڻي دوران درخواستگذارن جي وڪيل عدالت کي استدعا ڪئي ته معاملو حتمي ٿيڻ تائين ايم ڊي ڪيٽ جي ميرٽ لسٽ تيار ڪرڻ کان روڪيو وڃي، جنهن تي عدالت اها استدعا رد ڪري ڇڏي. جسٽس محمد سليم جسار ريمارڪس ڏنا ته ميرٽ لسٽ تيار ٿيڻ ڏني وڃي، جيڪڏهن درخواستگذارن جو حق ثابت ٿيو ته فهرست ۾ تبديلي ڪري سگهجي ٿي. درخواستگذارن عدالت کي استدعا ڪئي ته ايم ڊي ڪيٽ جو سوالن وارو پرچو ۽ آنسر ڪيز فوري طور ويب سائيٽ تي جاري ڪيا وڃن. درخواستگذارن جي موقف موجب، سوالن وارو پرچو اميدوارن جي سامهون موجود نه هئڻ سبب انهن لاءِ آنسر ڪيز کي اثرائتي نموني چئلينج ڪرڻ ممڪن ناهي. درخواستگذارن جي وڪيل ايڊووڪيٽ محمد نواز ڏاهري عدالت کي ٻڌايو ته 20 سيپٽمبر تي ايم ڊي ڪيٽ جو امتحان ورتو ويو، پر اميدوارن کي صرف جوابي شيٽ جي ڪاربان ڪاپي ڏني وئي. وڪيل موجب، اميدوارن امتحان کانپوءِ سوالن وارو پرچو پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻ جي اجازت گهري، پر انتظاميا اجازت نه ڏني. درخواست ۾ عدالت کان استدعا ڪئي وئي ته سوالن وارو پرچو سڀني اميدوارن لاءِ عام ڪيو وڃي، جيئن اهي پنهنجي ڏنل جوابن جو آنسر ڪيز سان بهتر جائزو وٺي سگهن. درخواستگذارن جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته ايم ڊي ڪيٽ ۾ ڪجهه نمبرن جو فرق به اميدوار جي ميرٽ ۽ ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو. وڪيل موجب، سوالن وارو پرچو ۽ آنسر ڪيز ظاهر نه ڪرڻ جي صورت ۾ ميرٽ جي عمل بابت سوال برقرار رهندا. درخواست ۾ عدالت کان وڌيڪ استدعا ڪئي وئي ته حتمي ميرٽ لسٽ جاري ڪرڻ ۽ ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلائن کي حتمي شڪل ڏيڻ کان اڳ سڄي معاملي کي شفاف بڻايو وڃي. عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 10 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 17

آيو. جنهن بعد پوليس ڪارروائي ڪندي ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو. تفصيل موجب گڏاپ سٽي جي هڪ فارم هائوس تي 50 کان 55 عورتن کي نوڪري لاءِ گهرايو ويو. جتي سندن درجنين موبائل فون مبينا طور ڪٽي فرار ٿي ويا. فارم هائوس جي مئنيجر اشعر انصاري وڊيو بيان ۾ ٻڌايو ته فارم هائوس جي بڪنگ وقاص نالي شخص ڪرائي هئي، جيڪو پاڻ موجود نه هو. جڏهن ته آصف يا سلمان نالي نوجوان هڪ عورت سان گڏ فارم هائوس تي آيو هو. متاثر عورتن مان هڪ ڄڻي وڊيو بيان ۾ ٻڌايو ته کين نوڪري جو آسرو ڏئي فارم هائوس تي گهرايو ويو هو. واقعي دوران سلمان جي هڪ وڊيو پڻ سامهون آئي، جنهن ۾ هو گاڏي ۾ ويٺل عورتن کي هدايتون ڏيندي نظر اچي رهيو آهي. واقعي جي اطلاع ملڻ تي گڏاپ پوليس متاثر عورتن جا بيان قلمبند ڪري ڪيس داخل ڪيو. پوليس فارم هائوس بڪ ڪرائيندڙ وقاص ۽ عورتن کي فارم هائوس تائين آڻڻ ۾ مبينا مدد ڪندڙ نرگس کي گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته سلمان جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا *** 18

ڪونسل جي افتتاحي اجلاس کي خطاب ڪندي محمد بن سلما چيو ته سعودي عرب کي نقصان پهچائڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو سختي سان جواب ڏنيو ويندو انهي حوالي سان تياريون به جاري آهن.سعودي ولد عهد سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ مڪ دفاعي معاهدي کي خطي ۾ وڌندڙ تڪرارن جي روڪٿام ۽ سلامتي جي تحفظ جي ڪوشش قرار ڏنو هن ٻڌايو ته ملڪ ۾ عالمي بحري رستن جي حفاظت لاءِ گهڻ ملڪي دفاعي بحري اتحاد جي قيام تي به ڪم شروع ڪيو ويو آهي. محمد بن سلمان واضح ڪيو ته عالمي آبي گذرگاهن کي سياسي يا معاشي دٻاءُ وجهڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت نه هجڻ گهرجي. خطاب ۾ سعودي ولي عهد فلسطيني علائقن ۾ اسرائيلي حملن ۽ بيت المقدس ۾ مسجد اقصيٰ جي مسلسل پيڇڪڙين جي مذمت ڪندي فلسطيني عوام جي حقن جي تحفظ جي اهميت تي به زور ڏنو يمن جي صورتحال تي ڳالهيون ڪندي هن عالمي سطح تي مڃيل يمني حڪومت جي حمايت جاري رکڻ جي ارادي جو اظهار ڪيو ته هو سموري ملڪ ۾ پنهنجي عملداري قائم ڪرڻ، استحڪام بحال ڪرڻ ۽ حوثي گروپ جي حملن جو مقابلو ڪرڻ جي قابل ٿي سگهندا. هن حوثين تي خطي ۾ افراتفري ۽ تباهي پکيڙڻ جو الزام به لڳايو.

بقايا *** 19

۽ ايڪشن پلان تيار ڪندڙ ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب اجلاس ۾ ڪميٽي ٻاهرين ملڪ پاڪستاني مشنز جي ڪم کي بهتر بڻائڻ جي قدمن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي جنهن ۾ قونصلر سروسز کي مضبوط بڻائڻ، ٻاهرين ملڪ رهندڙ پاڪستانين کي وقت سر مدد فراهم ڪرڻ ۽ حڪومت جي ملڪيت واري چانسري ۽ رهائشي عمارتن جي باقاعده مرمت ۽ سارسنڀال شامل آهي. نائب وزيراعظم سرڪاري فنڊز جي معيار ۽ قدر کي يقيني بڻائيندي سروس ڊليوري کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ ايڪشن پلان تيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ گهرو معاملن ۽ منشيات جي خاتمي واري مملڪتي وزير محمد طلال چوڌري، وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه ۽ ناڻي واري وزارت ۽ پرڏيهي وزارت جي سينيئر آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 20

توثيق ڪئي وئي ۽ ٽرڪول جي توسيع ۽ جهنگلي حيات جي تحفظ جي قدمن تي غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص مددگارن، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جي سيڪريٽري آغا واصف ۽ لاڳاپيل کاتن جي اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي. ڪابينه 17 سيپٽمبر 2026 تي ٿيل پنهنجي گذريل اجلاس جي ڪارروائي جي منٽس جي تصديق ڪئي. ان سان گڏوگڏ ناڻي واري ڪابينه ڪميٽي پاران سرڪيوليشن ذريعي گهوٽڪي ۾ پوليس اسٽيشن خامبرا جي اڏاوت ۽ سنڌ پرائيويٽ سيڪيورٽي ايڪٽ 2026 تحت رجسٽرار جي آفيس قائم ڪرڻ بابت ورتل فيصلن جي پڻ توثيق ڪئي وئي. مير رضا علي انڪوائري ڪميشن جي مدت ۾ واڌ: ڪابينا مير رضا علي جي فوتگي جي جاچ ڪندڙ انڪوائري ڪميشن جي مدت ۾ واڌ جي تجويز تي پڻ بحث ۽ غور ڪيو. ڪابينا کي آگاهي ڏني وئي ته جسٽس عمر سيال جي سربراهي ۾ قائم ڪميشن وڏائڻ جي ڪارروائي ڪئي آهي. ڪيترن ئي شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا آهن ۽ ان کي پنهنجي نتيجن ۽ سفارشن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ وڌيڪ وقت گهربل آهي. ڪابينا ڪميشن جي مدت ۾ 15 آڪٽوبر 2026 تائين واڌ جي منظوري ڏني ۽ جسٽس عمر سيال کي اختيار ڏنو ته جيڪڏهن وڌيڪ وقت گهربل هجي ته هو ان تاريخ کان پوءِ به جاچ جاري رکي سگهي ٿو. اٽي جي قيمتن کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ ڪڻڪ رليز پاليسي: خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب زمان ڪڻڪ جي ذخيرن ۽ تجويز ڪيل ڪڻڪ رليز پاليسي 2026_27 بابت هڪ تفصيلي بريفنگ پيش ڪئي. ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته بازار ۾ مسلسل گهرج ڪري سڄي سنڌ ۾ ڪڻڪ جي اٽي جي قيمتن ۾ مسلسل واڌ ٿي رهي آهي. ۽ هن وقت ڪراچي ۾ ڪڻڪ تقريباً 12,500 رپيا في 100 ڪلوگرام پوري جي حساب سان وڪرو ٿي رهي آهي. وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته ڪڻڪ جاري ڪرڻ جي هڪ تفصيلي پاليسي تيار ڪري سندس منظوري لاءِ پيش ڪئي وڃي. هن چيو ته اٽي جي قيمتن کي هر صورت ۾ مستحڪم ڪيو وڃي. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه چيو ته خوراڪ کاتي کي گهرجي ته اٽي جي قيمتن کي مستحڪم ڪرڻ ۽ صارفين کي رليف ڏيڻ لاءِ هڪ منظم طريقيڪار تحت سرڪاري ڪڻڪ جا ذخيرا لائسنس يافته فلور ملن ۽ چڪين کي جاري ڪري. فلور ملن کي ڪڻڪ جاري ڪرڻ جو عمل 20 آڪٽوبر کان شروع ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي. خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب زمان اجلاس کي آگاهي ڏني ته صوبي وٽ هن وقت 91 لک 90 هزار کان وڌيڪ 100 ڪلوگرام وارين ڪڻڪ جون ٻوريون موجود آهن. جن ۾ گذريل سال جو بچيل ذخيرو، نئين خريد ڪيل ڪڻڪ، ضبط ڪيل ذخيرا، پاسڪو کان ملندڙ ڪڻڪ ۽ هن مهيني جي آخر ۾ متوقع طور تي گهرايل درآمدي ڪڻڪ شامل آهن. شڪار جي پکين جو مستقبل. مهاجر پکين جو شڪار: ڪابينا سنڌ ۾ جهنگلي حيات جي تحفظ ۽ شڪار جي پکين جي مستقبل بابت پڻ تفصيلي بحث ڪيو ۽ شڪار تي مڪمل پابندي لڳائڻ تي سنجيدگيءَ سان غور ڪيو. ٻيلن ۽ جهنگلي حيات واري کاتي سنڌ وائلڊ لائيف پروٽيڪشن، پريزرويشن، ڪنزرويشن اينڊ مينيجمينٽ ايڪٽ 2020 تحت تجويز ڪيل گيم برڊ هنٽنگ سيزن 2026_27 بابت تفصيلي بريفنگ پيش ڪئي. اختيارين شڪار جي سرگرمين کي منظم ڪندڙ قانوني فريم ورڪ، پرمٽ جي طريقيڪار، جهنگلي حيات جي تحفظ جي قدمن ۽ سڄي صوبي ۾ پکين جي آبادي جي حوالي سان تازو ڪيل سروي جي نتيجن بابت وضاحت ڪئي. ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته سکر، لاڙڪاڻو، شهيد بينظير آباد، حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ ڪراچي ڊويزنن ۾ ڪيل جهنگلي حيات جي سروي موجب 2026_27 جي سيزن لاءِ شڪار جي پکين جي آبادي جو اندازو 143,460 لڳايو ويو آهي. جڏهن ته گذريل سال هيءَ تعداد 140,866 رڪارڊ ڪئي وئي هئي. اجلاس کي وڌيڪ آگاهي ڏني وئي ته شڪار جي سرگرمين کي پکين جي نسلن، شڪار جي موسمن، شڪار جي طريقن، مقرر ڪيل علائقن ۽ شڪار جي حد بابت سخت قانوني شقن ذريعي منظم ڪيو ويندو آهي.

بقايا *** 21

ي معيشت جي اهم انگن اکرن ۾ بهتري جي آجيان ڪندي چيو آهي ته متاسنا جي ناڻي ۾ نمايان اضافو ٻاهرين ملڪ رهندڙ پاڪستانين جي ملڪي معيشت تي اعتماد جو مظهر آهي، ڪرنٽ اڪائونٽ خساري ۾ گهٽتائي ۽ سڌوسنئون غيرملڪي سيڙپڪاري ۾ اضافو معاشي استحڪام طرف مثبت اڳڀرائي جو عڪاس آهي. خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ متاسنا جو ناڻو 6.3 ارب ڊالر مان وڌي 7.3 ارب ڊالر ٿي ويو. آگسٽ ۾ متاسنا جي ناڻي ۾ گذريل سال جي مقابلي ۾ 16.5 سيڪڙو اضافو خوش آئنده آهي.

بقايا *** 22

اطلاع جي بنياد تي دهشتگردن خلاف ڀرپور ڪارروائي ڪندي فتنه الخوارج جا ڪيترائي ٺڪاڻا ۽ ڳجهيون سرنگهون تباهه ڪري ڇڏيون. سيڪيورٽي ذريعن موجب آپريشن دوران ڪيترن ئي خوارجي دهشتگردن کي ماريو ويو آهي جڏهن ته سندن ڳجهن ٺڪاڻن مان وڏي مقدار ۾ بارودي مواد به هٿ آيو. فورسز سرچ آپريشن دوران ملندڙ ڌماڪيدار مواد کي بم ڊسپوزل اسڪواڊ جي مدد سان حفاظت سان ناڪاره بڻائي ڇڏيو. سيڪيورٽي عملدارن جو چوڻ آهي ته عزم استحڪام ويزن تحت سڄي ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ جتادار امن جي قيام لاءِ ڪارروايون بنا رڪاوٽ جاري رهنديون.

بقايا *** 23

خريد ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ صوبائي ڪابينه جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ عدالتي معاملن کي پورو ڪرڻ جي سهوليت جي لاءِ 87 سرڪاري گاڏيون خريد ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي. سنڌ ڪابينه کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ضلعي عدالتن ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي نئين ججز جي سرڪاري گاڏيون فراهم ڪيون وڃن. ڪابينه کي ٻڌايو ويو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ انتظاميه عدالتي آفيسرن ۽ ججزجي لاءِ 87 گاڏين جي درخواست ڪئي هئي. سنڌ ڪابينه سنڌ هاءِ ڪورٽ انتظاميه جي درخواست تي سرڪاري گاڏين جي خريداري جي منظوري ڏئي ڇڏي.

بقايا *** 24

ن سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ۽ انتظاميا ۽ ورڪرز کي مبارڪباد ڏني. خميس ڏينهن هتي اطلاعات واري وفاقي وزير سنڌ ٽي وي جي ڪاميابين ۽ مستقبل جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي پرنسپل انفارميشن آفيسر رئيسه عادل پڻ موجود هئي.

بقايا *** 25

هن دوران ڪيس ٻڌايو ويو ته جهاز جو ڪو پائلٽ ممڪن طور دهشتگرد هو،اوول آفيس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ٽرمپ چيو ته نيتن ياهو ڪيس ٻڌايو ته هڪ اسرائيلي پلمبر ڪو پائلٽ کي قابو ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. سندس بقول پلمبر اڳ ڪڏهن به جهاز نه اڏايو هو، پر هن طيارو سنڀالي حادثي کان بچايو. ٽرمپ موجب جهاز جي پوئين حصي ۾ موجود اضافي پائلٽ ۽ سيڪيورٽي اهلڪار بعد ۾ ڪاڪ پٽ تائين پهتا ۽ جهاز جو ڪنٽرول سنڀالي ورتو. آمريڪي صدر واضح ڪيو ته اها ڪهاڻي کيس نيتن ياهو ٻڌائي آهي ۽ کيس خبر ناهي ته اها مڪمل طور درست آهي يا نه. ٽرمپ وڌيڪ چيو ته هن چين جي صدر شي جن پنگ سان سياسي قيدين جي آزادي بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي ۽ اميد آهي ته ڳالهين جا نتيجا نڪرندا. هن چيو ته برطانيا ۾ پيش آيل هڪ واقعي بابت اڄ معلوم ٿيندو ته برطانوي اختيارين شڪي ماڻهن کي ڇو آزاد ڪيو. واضح رهي ته گذريل ڏينهن دبئي کان اسرائيل ويندڙ اماراتي اڏام ۾ هڪ پائلٽ مبينا طور ٻئي پائلٽ تي چاقو سان حملو ڪري ڪيس زخمي ڪيو هو ۽ جهاز جو ڪنٽرول سنڀالي ان کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جهاز ۾ 174 مسافر سوار هئا، جن ۾ 169 اسرائيلي شهري شامل هئا. واقعي ۾ ملوث پائلٽ سعودي اختيارين جي تحويل ۾ آهي.

بقايا *** 26

سمورين عمل جوڳين آمريڪي پابندين جي پاسداري ڪري رهيو آهي. هفتيوار پريس بريفنگ دوران ترجمان چيو ته پاڪستان عالمي ۽ ملڪي قانونن موجب، پابندين جي سمورن نظامن تي عملدرآمد جاري رکندو. ايران_آمريڪا جنگ بابت سوال تي سجاد حيدر خان چيو ته پاڪستان سمورن لاڳاپيل ڌرين سان مسلسل ۽ تعميري رابطي ۾ آهي. پاڪستان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ رابطن ۾ سهولتڪاري جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. جڏهن ته تڪرار جو حل ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي ڪڍڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته پاڪستان ايران ۽ آمريڪا تي اسلام آباد مفاهمتي معاهدي تحت پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ زور ڏئي رهيو آهي، ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي تڪرار جي پرامن حل لاءِ عمل جوڳو رستو قرار ڏنو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب، شنگهائي سهڪار تنظيم (ايس سي او) جي سمورن ميمبر ملڪن جا نيشنل ڪوآرڊينيٽر اسلام آباد آيا، جن ۾ پارٽ جو نمائندو پڻ شامل هو. سندس چوڻ هو ته ٻن سالن کان وڌيڪ عرصي کانپوءِ پارٽ جي هڪ سينيئر عهديدار جو پاڪستان جو دورو اهم اڳڀرائي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ سجاد حيدرخان چيو ته پاڪستاني سفارتي ٽيم صوماليا ۾ زخمي پاڪستانين سان رابطي ۽ مارجي پاڪستانين جا لاش وطن واپس آڻڻ لاءِ سرگرم آهي. هن ٻڌايو ته صوماليا ۾ پاڪستاني سفارتخاني جو ناظم الامور زخمي پاڪستانين سان رابطي ۾ آهي. جڏهن ته مارجي ويل پاڪستانين جا مڙهه ايٿوپين ايئرلائن ذريعي پاڪستان منتقل ڪيا ويندا.

بقايا *** 27

سي او سربراهي اجلاس آگسٽ يا سيپٽمبر 2027 ۾ اسلام آباد ۾ ٿيندو، جنهن ۾ مختلف ملڪن جا سربراهه حڪومت ۽ عالمي تنظيمن جا اعليٰ سطحي وفد شرڪت ڪندا. ڪابينه ڊويزن جو چوڻ آهي ته ايس سي او سربراهي اجلاس جي لاءِ محفوظ ۽ قابل اعتماد سفري سهولتن جي فراهمي ۽ طئي ٿيل سيڪيورٽي پروٽوڪولز موجب وڌ کان وڌ تحفظ يقيني بڻائڻ ضروري آهي. ڪابينه ڊويزن موجب هن وقت دستياب جديد ترين بلٽ پروف گاڏيون 2016 ماڊلز جيان آهن جيڪي ايس سي او اجلاس جي لاءِ گهربل معيار تي پورو نٿيون لهن.انهي لاءِ حڪومت مختلف فورمز تي غور کان پوءِ 45 بلٽ پروف گاڏين جي تعداد کي گهٽ کان گهٽ ضرورت موجب مقرر ڪيو آهي جڏهن ته تقريبن 300 ٻيون غير بلٽ پروف گاڏيون ڪرائي تي حاصل ڪيون وينديون. ڪابينه ڊويزن موجب ايس سي او سربراهي اجلاس پاڪستان جي لاءِ اهم عالمي اجتماع آهي جنهن کي منعقد ڪرڻ جي لاءِ سيڪيورٽي ۽ لاجسٽڪس جي اعليٰ معيار کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي.

بقايا *** 28

۽ شفاف طريقيڪار تحت ڪيون پيون وڃن. بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي لياري جي وائيس چانسلر جي استعيفيٰ بابت بيان ڏيندي اسماعيل راهو چيو ته استعيفيٰ جو جائزو وٺڻ بعد قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو،هن چيو ته سنڌ حڪومت طرفان يونيورسٽين ۾ ڪنهن به قسم جي سياسي مداخلت نه ڪئي پئي وڃي ۽ وائيس چانسلرن جي مقرري لاءِ اهليت کي بنياد بڻايو وڃي ٿو واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي لياري جي وائيس چانسلر پروفيسر حسين مهدي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي هئي. سندس چوڻ هو ته هو سياسي ۽ ڏوهاري عنصرن جي دٻاءُ ۾ ڪم نٿو ڪري سگهي. ذريعن موجب يونيورسٽي ۾ گهوسٽ ملازمن ۽ هراسان ڪرڻ ۾ ملوث آفيسرن خلاف ڪارروائي پڻ وائيس چانسلر جي استعيفيٰ جو سبب بڻي، جڏهن ته مٿس هراسان ڪرڻ جا الزام هٽي عهدي تان هٽائڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون ويون.

بقايا *** 29

027 ۾ اسلام آباد ۾ ٿيندو، جنهن ۾ مختلف ملڪن جا سربراهه حڪومت ۽ عالمي تنظيمن جا اعليٰ سطحي وفد شرڪت ڪندا. ڪابينه ڊويزن جو چوڻ آهي ته ايس سي او سربراهي اجلاس جي لاءِ محفوظ ۽ قابل اعتماد سفري سهولتن جي فراهمي ۽ طئي ٿيل سيڪيورٽي پروٽوڪولز موجب وڌ کان وڌ تحفظ يقيني بڻائڻ ضروري آهي. ڪابينه ڊويزن موجب هن وقت دستياب جديد ترين بلٽ پروف گاڏيون 2016 ماڊلز جيان آهن جيڪي ايس سي او اجلاس جي لاءِ گهربل معيار تي پورو نٿيون لهن.انهي لاءِ حڪومت مختلف فورمز تي غور کان پوءِ 45 بلٽ پروف گاڏين جي تعداد کي گهٽ کان گهٽ ضرورت موجب مقرر ڪيو آهي جڏهن ته تقريبن 300 ٻيون غير بلٽ پروف گاڏيون ڪرائي تي حاصل ڪيون وينديون. ڪابينه ڊويزن موجب ايس سي او سربراهي اجلاس پاڪستان جي لاءِ اهم عالمي اجتماع آهي جنهن کي منعقد ڪرڻ جي لاءِ سيڪيورٽي ۽ لاجسٽڪس جي اعليٰ معيار کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي.

بقايا *** 30

س ڪندي حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ هو ته سياسي مسئلن جو حل ڳالهين جي ذريعي ڪڍڻ گهرجي. حڪومت کي پي ٽي آءِ سان معنيٰ جوڳيون ڳالهيون ڪرڻ گهرجن. ڳالهين جا 6 دور ٿيا جنهن جو ڪوبه نتيجو نه نڪتو ۽ نه ئي فائدو ٿيو. وزيراعظم پاڻ مداخلت ڪري. هن جو چوڻ هو ته پرامن احتجاج پي ٽي آءِ جو حق آهي، لياقت بلوچ جو اسد قيصر سان رابطو ٿيو آهي، پرامن جمهوري، سياسي احتجاج جي سپورٽ ڪريون ٿا، پي ٽي آءِ باني جي اسپتال منتقلي ۽ ملاقاتن جو معاملو آهي ته پي ٽي آءِ سان حڪومت ڳالهيون چو نٿي ڪري. هن پيٽروليم شين تي لڳايل پيٽروليم ليوي کي غيرقانوني ۽ عوام جي کيسن تي ڌاڙو قرار ڏيندي چيو ته عالمي منڊي ۾ گذريل هفتي جنهن حوالي سان قيمتون گهٽ ٿيون. پاڪستان ۾ انهي حساب پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽ چو نٿيون ڪيون وڃن. حافظ نعيم سوال اٿاريو ته عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽروليم ليوي، ريفائنريز جا معاملا پاڻ ۾ مڪ مڪا سان ڪهڙو تعلق آهي؟ پيٽرول تي عام ماڻهو کان جهڙي طرح ٽيڪسز ورتا پيا وڃن انهي جو عالمي مارڪيٽ سان ڪهڙو تعلق آهي؟ جماعت اسلامي جي امير چيو ته ايف بي آر ٽيڪس جمع ڪرڻ ۾ ناڪام آهي ۽ عوام تي بار وجهي پنهنجي نااهلي لڪائي پئي وڃي، مهانگائي، بجلي ۽ گيس جي قيمتن عوام جي زندگي ۾ پريشانيون آڻي ڇڏيون آهن. هن جو چوڻ هو ته پيٽروليم ليوي جي خلاف اسان جي تحريڪ جاري آهي، حيدرآباد ۾ گذريل ڏينهن جلسو ٿيو جڏهن ته ڌرڻو اڄ به جاري آهي، وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان واپس اچي چڪو آهي، ليوي پتو ختم نه ڪيو ويو ته لانگ مارچ ٻيهر شروع ڪنداسين. حافظ نعيم الرحمان حڪومت جي وياج بابت پاليسي تي به تنقيد ڪندي چيو ته ناڻي وارو وزير 2027 ۾ وياج ختم ڪرڻ جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي پر هن وقت پاليسي ريٽ 11 سيڪڙو آهي، افراط زر جو پاليسي ريٽ گهٽ ٿيڻ سان سڌو سنئون تعلق نه آهي. ياد رهي ته جماعت اسلامي پيٽروليم ليوي خلاف ڪراچي کان اسلام آباد مارچ شروع ڪيو هو پر جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم سان ٽيليفون تي رابطو ڪري وزيراعظم شهباز شريف لانگ مارچ ڪجھ ڏينهن جي لاءِ ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي جنهن تي جماعت اسلامي مارچ ملتوي ڪندي ملتان ۾ ڌرڻو ۽ احتجاجي ڪيمپ جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو. حافظ نعيم جو چوڻ هو ته جماعت اسلامي احتجاجي تحريڪ کان هٽ نه ڪندي

بقايا *** 31

سعودي عرب جو رخ ڪرڻو پيو. جڏهن اسرائيلي وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو موجب هڪ پائلٽ ٻئي پائلٽ تي چاقو سان حملو ڪيو ۽ بظاهر جهاز ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. زخمي ٿيل پائلٽ جي سڃاڻپ پارٽي شهري ڪئپٽن سمت مچر طور ٿي آهي. ڪيس جهاز لهڻ کان پوءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ بعد ۾ اسرائيلي وزيراعظم ڪيس "هيرو" قرار ڏنو. فلائي دبئي جي اڏام FZ1073 ۾ چاقو جي حملي جو شڪار ٿيل پارٽي شهري ڪئپٽن سمت مچر مبينا طور تي بيهوش ٿيڻ کان اڳ ڪاڪ پٽ جو دروازو کوليو هو. اسرائيلي مسافر يانو هيون اربع ڏينهن بين گوريون ايئرپورٽ تي وزيراعظم بنيامين نيتن ياهو سان ڳالهائيندي اها ڄاڻ ڏني. هيون نيتن ياهو کي ٻڌايو ته ڪاڪ پٽ جو دروازو کليل هو، پر مچر دروازي جي ايترو ويجهو هئا جو ان کي کولڻ ڏکيو هو هن چيو، "منهنجو نتيجو اهو آهي ته هنن پنهنجي حاضر دماغي استعمال ڪندي اسان لاءِ دروازو کوليو ۽ ان کانپوءِ بيهوش ٿي ويا."

بقايا *** 32

عدالت جو پاڻمرادو نوٽيس وٺي سگهندي جڏهن ته ڪنهن به شخص جي درخواست تي به توهين عدالت جي ڪارروائي شروع ڪري سگهجي ٿي. رولز موجب بي بنياد يا بدنيتي تي ٻڌل نظرثاني درخواست داخل ڪرڻ تي وڪيل خلاف قانوني ڪارروائي ڪانسواءِ گهٽ ۾ گهٽ 25 هزار خرچ لاڳو ڪري سگهبا. رولز موجب ڌر طرفان بي بنياد يا بدنيتي تي ٻڌل نظرثاني درخواست داخل ڪرڻ تي گهٽ ۾ گهٽ 25 هزار رپيا خرچ لاڳو هوندا جڏهن ته نظرثاني درخواست جي ٻڌڻي کان اڳ درخواستگذار کي 50 هزار روپيا ضمانت طور جمع ڪرائڻا پوندا

بقايا *** 33

جي زخمي پائلٽ سمت مچھ چهار جو ٻيهريون بيان سامهون اچي ويو آهي. زخمي پائلٽ پنهنجي بيان ۾ چيو ته ساٿي مسافرن ۽ عملي سميت سڀني جو ٿورائتو آهيان جيڪي مشڪل وقت ۾ گڏ بيٺل رهيا. هن چيو ته بطور پائلٽ مون پنهنجي ڊيوٽي انجام ڏني، ٿورائتو آهيان ته جهاز حفاظت سان لينڊ ڪري ويو، مسافر محفوظ رهيا.خبرون ڏيندڙ ايجنسي موجب اسرائيلي پرڏيهي وزارت به زخمي پارٽي پائلٽ سمت مچھ چهار جي تصوير شيئر ڪري ڇڏي. اسرائيلي پرڏيهي وزارت موجب سخت زخمي ٿيڻ جي باوجود سمت مچھر ڪاڪ پٽ جو دروازو کولي ڇڏيو. ڪاڪ پٽ جو دروازو کلڻ تي مسافرن ۽ عملي مددگار پائلٽ کي قابو ڪري ورتو. اري زخمي ڪري ڇڏيو. جهاز جو ڪنٽرول ڦرڻ ۽ انهي کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، جهاز ۾ 169 اسرائيلين سميت 174 مسافر سوار هئا. حملو ڪندڙ پائلٽ سعودي اختيارين جي حراست ۾ آهي.صورتحال انهي وقت ڪنٽرول ۾ آئي جڏهن جهاز ۾ موجود مسافرن وقت تي مداخلت ڪري پائلٽ کي قابو ڪري ورتو. جنهن کان پوءِ جهاز ۾ سفر ڪندڙ ايئر لائين جي ٻين آف ڊيوٽي پائلٽس جهاز جو ڪنٽرول سنڀالي انهي کي حفاظت سان سعودي عرب ۾ لاهي ورتو.

بقايا *** 34

ي ويٺل هئا، جتي نامعلوم ڪار کين ٽڪر هڻي فرار ٿي وئي، پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي کانپوءِ ڪار سوار فرار ٿي ويو، جنهن جي ڳولا جاري آهي.

بقايا *** 35

موجب آپريشن غضب للحق جي تسلسل ۾ افغانستان ۾ هوائي ڪارروائي ڪئي وئي، جنهن دوران ٻن هنڌن تي دهشتگردن جي ڪئمپن کي نشانو بڻايو ويو. وزارت موجب تصديق ٿيل انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي هدفن کي انتهائي درستگي سان نشانو بڻايو ويو، جنهن ۾ فتنه الخوارج جا ڪيترائي دهشتگرد مارجي ويا. اطلاعات واري وزارت جو چوڻ آهي ته افغانستان جو بدستور دهشتگردي جو مرڪز بڻيل رهڻ ڳڻتي جوڳو آهي ۽ پاڪستان کي درپيش دهشتگردي جو خطرو افغانستان مان پيدا ٿي رهيو آهي، جنهن سبب دهشتگردن جي مرڪزن کي نشانو بڻايو ويو. وزارت موجب پاڪستاني شهرين جي سلامتي ۽ تحفظ حڪومت جي ترجيح آهي. جڏهن ته پاڪستان هميشه خطي ۾ امن لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

ل پاران بريسٽ ڪينسر بابت عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ، مرض جي بروقت تشخيص ۽ مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ 15 ڏينهن واري مفت ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪئي وئي، جنهن جو افتتاح يونيورسٽي آف ماڊرن سائنسز جي چانسلر ڊاڪٽر محمد اقبال ميمڻ، وائيس چانسلر ڊاڪٽر فيروز ميمڻ، ريڪٽر خليل الرحمان ڪُمباٽي، پرو وائيس چانسلر قاضي فيض ۽ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر عطيه پاران ڪيو ويو. افتتاحي تقريب ۾ يونيورسٽي ۽ اسپتال جي انتظاميا، ڊاڪٽرن، طبي عملي ۽ ٻين مهمانن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر محمد اقبال ميمڻ ۽ ٻين مقررين چيو ته بريسٽ ڪينسر عورتن ۾ هڪ اهم طبي مسئلو آهي، جنهن بابت عوام، خاص طور عورتن ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هنن چيو ته مرض جي شروعاتي مرحلي ۾ تشخيص ٿيڻ سان علاج جا امڪان بهتر ٿين ٿا. تنهنڪري عورتن کي پنهنجي صحت بابت باقاعده طبي معائنو ڪرائڻ ۽ جسم ۾ ظاهر ٿيندڙ ڪنهن به غيرمعمولي تبديلي کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. اسپتال انتظاميا موجب 15 ڏينهن واري مفت ڪيمپ دوران بريسٽ ڪينسر جي شڪ وارن مريضن جي طبي جاچ، ابتدائي تشخيص ۽ ضروري طبي رهنمائي فراهم ڪئي ويندي، جڏهن ته ضرورت پوڻ جي صورت ۾ مريضن کي وڌيڪ تشخيص ۽ علاج لاءِ مناسب طبي سهولتن ڏانهن ريفر ڪيو ويندو. طبي ماهرن موجب بريسٽ ڪينسر جي ممڪن علامتن ۾ ڇاتي ۾ غيرمعمولي ڳوڙهو يا سختي، ڇاتي جي شڪل يا سائيز ۾ تبديلي، چمڙي ۾ غيرمعمولي تبديليون، نپل مان غيرمعمولي مواد يا رت اچڻ ۽ بغل ۾ ڳوڙهو يا سوڄن شامل ٿي سگهي ٿي. ماهرن واضح ڪيو ته ڇاتي ۾ هر ڳوڙهو لازمي طور ڪينسر جي علامت نه هوندو، تنهن هوندي به ڪنهن به غيرمعمولي تبديلي جي صورت ۾ بروقت ڊاڪٽر سان صلاح ڪرڻ ضروري آهي. يونيورسٽي ۽ اسپتال انتظاميا جو چوڻ آهي ته ٽنڊو محمد خان ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بريسٽ ڪينسر بابت آگاهي ۽ طبي سرگرمين جو سلسلو جاري رکيو ويندو، ته جيئن ماڻهن کي مرض جي علامتن، بروقت تشخيص، بچاءَ ۽ علاج بابت مستند طبي معلومات ۽ سهولتون فراهم ڪري سگهجن.

بقايا عوامي سوچ 02

هڪ سنڌ دوست مزاحمتي ڪردار سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان پاران، انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊو محمد خان چيپٽر جي سهڪار سان ٽنڊي محمد خان ۾ ناميارا تعليمدان، اديب، دانشور، سماج سڌارڪ ۽ سپلا جي باني اڳواڻ پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جي اٺين ورسي، يادگار ايوارڊ 2026ع تقريب بعنوان "پروفيسر لياقت عزيز سولنگي هڪ سنڌ دوست مزاحمتي ڪردار" منعقد ڪئي وئي. تقريب کي ناميارا قومي دانشور ۽ قومپرست اڳواڻ ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو، قومپرست اڳواڻ آصف بالادي، پروفيسر يعقوب چانڊيو، پروفيسر ڊاڪٽر قادر بخش مگسي، ڊاڪٽر اشوتاما، فهيم نوناري، عمران حفيظ گُنيبر، اعجاز علي جسڪاڻي، اعظم پٽي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، نور حسن پٽي، ناصر بلوچ، اقبال بلوچ، غفار ٿهيم، امتياز علي رند، مسز ياسمين آغا، عنزه پٽي، فلزه پٽي، شاه غلام محمد جان سرهندي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پروفيسر لياقت عزيز سولنگي اتساهه جو نالو هو، جنهن وٽ ٽڪجي ويهي رهڻ بجاءِ، مسلسل هلڻ ۽ جستجو ڪرڻ جو منفرد ڏانءُ هو. لياقت عزيز ترقي پسند، سنڌ دوست مزاحمتي ڪردار هو، جنهن وٽ هزارين سالن جي تهذيب، سنڌ، سنڌي ٻولي، ثقافت، تعليم، صحت سميت انيڪ مسئلن خاطر جدوجهد ۽ مزاحمت ڪرڻ ئي حقيقي معنيٰ ۾ زندگيءَ هئي. پروفيسر لياقت عزيز سنڌ جو اڪيڊمڪ ڪردار هو، جنهن لاتعداد ذهنن جي آبياري ڪري، ڳڏيل جدوجهد جا ميدان سجائي، سنڌ جي ٽج ملهائي. سندس ضمير ۽ خمير سنڌ سان ڳنڍيل هو. هن لاءِ سنڌ اول به هئي ته آخر به هئي. هو ان وقت جي مضبوط ۽ منظم ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي مرڪزي ڪميٽي جو ميمبر هو پر سنڌ جي سوال تي قومپرستيءَ جو الزام سر تي کڻي استعيفا ڏئي هليو آيو هن بناڪنهن بندوق ۽ لٺ کڻڻ جي زبان ورائي، سوال ڪرڻ جي جرئت ڪري، سموري شعوري عمر علم، عقل ۽ قلم سان جنگ جوٽي، تاريخ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو. هنن چيو لياقت عزيز کي اصل پيڙا شايد اها نه آهي ته اسان کيس هڪ وڌيڪ خوبصورت يادگيريءَ ۾ محفوظ ڪري ڇڏيون بلڪ اها آهي ته تعليم، استاد جي اجتماعي آزادي، علم جي سماجي ذميواري، سنڌ دوستي ۽ مزاحمت جي سياسي معنيٰ بابت اهي سوال ٻيهر کڻون، جن کي سندس زندگيءَ پنهنجي عمل ۽ فڪر سان اهم بڻايو پروفيسر لياقت عزيز جهڙن مزاحمتي شخصيتن کي محفوظ يادگيرين ۾ تبديل ڪرڻ بدران، انهن جي فڪر کي ٻيهر بي آرام سوال بڻائڻ ئي شايد انهن کي ياد ڪرڻ جو وڌيڪ ذميوار طريقو آهي. سنڌ سان وابستگي سندس لاءِ صرف ثقافتي يا جذباتي نسبت نه هئي. سنڌ جي استاد، شاگرد، پورهيت ۽ عام شهري جي سياسي، سماجي حيثيت، تعليم، وسيلن ۽ انصاف جا سوال به ان وابستگيءَ جو حصو هئا. لياقت عزيز جي فڪر کي سندس دور جي وسيع سياسي ۽ سماجي تناظر سان ڳنڍي ئي ڏسڻ گهرجي. سندس لکڻين ۾ تعليم هڪ خودمختيار ادارتي مسئلو نه، پر سماج جي مجموعي بناوت سان ڳنڍيل مسئلو نظر اچي ٿي. هنن چيو ته پروفيسر لياقت عزيز وٽ وطن دوستيءَ کان مٿي ڪوبه مان ۽ مرتبو نه هو. ضياءَ جي مارشل لا اهو بدترين دور هو، جنهن ۾ ڪنهن به مسئلي تي ڪا مزاحمتي صدا بلند ڪرڻ جڻ ته ڪاريهر تي پير ڏيڻ برابر هو. پروفيسر لياقت عزيز نه رڳو ڪاريهر تي پير ڏنو، پر ان جي منڍيءَ چيپائي، مزاحمتي ميدان ۾ پنهنجو پاڻ مڃايو. هن جي لکڻين ۾ سنڌ جي سمورن سورن ۽ محنت ڪش ماڻهن جي مظلوميت جي عڪاسي ٿيل آهي. هن سدائين پنهنجي قلم کي ڌرتيءَ ۽ قوم جي امانت سمجهيو. سندس قلم، عملي جدوجهد توڙي سنڌ دوستيءَ جي حوالي سان مزاحمت جا سچ پٽي اپاريا. سنڌ جي سياسي، سماجي، طبقاتي، علمي، ثقافتي ۽ ادبي موضوعن تي هو هميشه متحرڪ رهيو. هن عشق جي راهن مٿي ڪاوا ايا ڪري، زخم کاڌي، رت سان رڳجي، زنده رهڻ جو درس ڏنو. کيس اها پروڙ هئي ته سفر ڪيڏو مشڪل ۽ راهه ڪيڏي اٽانگي آهي. ان جي باوجود ڪنهن به پرواهه جي بغير پهڻن تي هلي، پيرپٽون ڪري، منزل تي رسڻ جي جستجو ڪندو رهيو. لياقت عزيز سولنگي هڪ فرد نه پرهڪ تحريڪ جو نالو هو. هو ڪلاس روم جو استاد به هو، مزدورن جو وڪيل به، پنهنجي گهٽي ۽ پاڙي جو سماج سڌارڪ به ۽ سنڌ جي قومي محاذ جو سپهه سالار به هو. اڄ جڏهن سنڌ جي يونيورسٽين ۾ علم جا ڏيئا ٻرن ٿا ته ان روشني ۾ پروفيسر لياقت عزيز جو به هڪ وڏو حصو شامل آهي. سندس وطن دوستيءَ واري مزاحمتي ڪردار مان هن وقت اتساهه جا موتيءَ چونڊي، پنهنجي وطن ۽ ان جي مظلوم ماڻهن جي آزاديءَ، خوشحاليءَ ۽ امن جي عالمي پيغام جي رسائيءَ لاءِ اسان سڀني کي تاريخي مزاحمتي ڪردار ادا ڪرڻ جي

بقايا عوامي سوچ 03

ٽ سپر ليگ جو شاندار فائنل منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي (PPP) تعلقه صدر حاجي محمد رفيق پُرڳڙي خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳوٽي چيئرمين عابد حسين قائمخاني، ڪائونسلر شفيق قائمخاني، واپڊا چيئرمين نويد رضا قائمخاني، غلام رسول ٽيبو، خير محمد هاليپوٽو ۽ ٻيون معزز شخصيتون پڻ موجود هيون. پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه صدر حاجي محمد رفيق پُرڳڙي فائنل ميچ ڏٺو ۽ ڪامياب ٽيم ۾ انعام پڻ ورهايا. هن رانديگرن جي حوصلا افزائي ڪندي شاندار راند پيش ڪرڻ تي منتظمين ۽ سمورن رانديگرن کي مبارڪباد ڏني. تقريب ۾ ڪرڪيٽ جي شوقينن ۽ علائقي جي معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 04

، ٻه موٽرسائيڪلون ۽ هڪ موبائل فون هٿ ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي هدايتن تي ڏوهارين خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري ايس ايڇ او ٺٽو گهارو سب انسپيڪٽر فدا خاصخيلي گشت دوران گهارو ٿاڻي جي حد هاليجي لنڪ روڊ شاهين فارم وٽ پوليس مقابلو ٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ پوليس ٻن ملزمن کي زخمي حالتون ۾ گرفتار ڪري ورتو گرفتار ملزمن جي سڃاڻپ: * عامر ولد غلام نبي چانڊيو رهاڪو گهارو * عبدالخالق عرف ابو ولد لطف علي چانڊيو رهاڪو گهارو جي طور تي ٿي آهي. ملزمن جي قبضي مان ڏوهن ۾ استعمال ٿيل ٻه پيسٽل، ٻه موٽرسائيڪلون ۽ هڪ موبائل فون هٿ ڪيا ويا. گرفتار ملزمن خلاف قانوني ضابطي موجب مقدمات درج ڪري وڌيڪ تفتيش شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ملزمن جي ٻين ساٿين ۽ ٻين وارداتن ۾ ملوث هجڻ بابت پڻ تفتيش جاري آهي. ملزمن جو ڪرمنل ريڪارڊ حاصل ڪيو پيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 05

ڪم جو جائزو وٺڻ لاءِ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران لاڳاپيل آفيسرن ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت کي ري رائٽنگ رڪارڊ آف رائٽس جي جاري ڪم ۽ مختلف تعلقن ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سرمد علي ڀاڳت سمورن روينيو آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ري رائٽنگ رڪارڊ آف رائٽس جي جاري ڪم کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ ڪم جي رفتار وڌيڪ تيز ڪئي وڃي، ته جيئن رڪارڊ جي بروقت تڪميل کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ عوام کي پنهنجي زمين ۽ ملڪيت بابت رڪارڊ حاصل ڪرڻ ۾ سهولت فراهم ٿي سگهي. هن آفيسرن تي زور ڏنو ته ري رائٽنگ جي عمل دوران رڪارڊ جي درستگي ۽ شفافيت کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي ۽ مقرر ڪيل هدفن جي حاصلات لاءِ باهمي رابطي ۽ سهڪار سان ڪم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 06

اٿو ڪري ويو. سندس جنازي نماز ڳوٺ ۾ ادا ڪرڻ بعد کيس ڳوٺ پرسان اباڻي قبرستان ۾ هزارين آلين اکين جي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. سندس جنازي نماز ۾ ثقافت سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمين محقق ۽ شاعر پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جي مرڪزي اڳواڻ امير علي ٿيٻو شاعر استاد اديب نبي بخش پريمي، سينئر ليکڪ استاد الجهڙيو برفت، پ پ پ اڳواڻ عبدالخالق سومرو، سنڌي ادبي سنگت ضلعي رابطا سيڪريٽري عبدالمجيد جمالي سميت استادن، صحافين، شهرين، اديبن، شاعرن، ليکڪن، دانشورن، ڳوٺاڻن، سياسي، سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندي چيو ته ڪامريڊ عبدالعزيز ڪينجهرائي پنهنجي علم، ادب، فڪر ۽ ترقي پسند سياسي جدوجهد سبب سنڌ جي ادبي ۽ سياسي حلقن ۾ سڃاتو ويندو هو. سندس وڇوڙي تي ادبي، سياسي، سماجي ۽ استادن جي حلقن پاران گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪري سندس علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتن تي کيس ڀيٽا پيش ڪندي چيو ويو ته ڪامريڊ عبدالعزيز ڪينجهرائي جو لاڏاڻو سنڌ جي ادب ۽ ترقي پسند فڪر لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي، جنهن جو خال صدين تائين پرجي نه سگهندو. ٻئي طرف ڪامريڊ عبدالعزيز ڪينجهرائي جو ٽڏو ڪينجهر لڳ ڳوٺ الهڏنو سولنگي ۾ وڇايو ويو آهي جتي سندس پوئينرن سان تعزيتن جو سلسلو جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 07

جون ٻنيون پڻ قائم ڪيون ويون اهن، جن منشيات فروشن خلاف پوليس ڪاب ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جن مقامي غريب ماڻهن جو جيئڻ جنجال بنائي غريب ماڻهن جي گهرن تي حملا ڪري انهن جي گهرن کي باهيون ڏيئي انهن کي وڏو نقصان پهچائي رهيا اهن، اشرف ملاح چيو ته اسان غريب ماڻهن سان منشيات فروشن پاران ڪيل ناانصافين خلاف آواز اٿاريو ته بااثر منشيات فروش دلشاد علي جويو ۽ سندس ساٿين سندس غيرموجودگي ۾ سندس گهر تي چڙهائي ڪري سندس ڀاءُ شهباز ملاح تي تشدد ڪري نازيبا ٻولي ڳالهائي گهر ڀاتين کي به حراسان ڪيو آهي، جن خلاف گهارو ٿاڻي تي NC پڻ داخل ڪرائي ويئي آهي، پر پوليس اڃان تائين منشيات فروشن کي گرفتار ڪري منشيات جي ٻنجو ناهي ڏيئي سگهي ۽ نئي کلي عام هلندڙ ڪچي شراب ٺري جي ڀٺين کي مسمار ڪري سگهي آهي، ملاح اڳواڻ محمد اشرف ملاح ايس ايس پي ٺٽو ۽ ايس ايڇ او گهارو کان مطالبو ڪيو ته فورن منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروائي ڪري منشيات کي ٻنجو ڏيئي سندس گهر تي چڙهائي ڪري حملو ڪندڙ منشيات فروش دلشاد علي جويو ۽ سندس ساٿين خلاف سخت ڪارروائي ڪري نوجوان نسل کي تباهي کان بچائي منشيات فروشن جي ظلم کان غريب بي پهچ، بي سهارا ماڻهن کي بچايو وڃي. ٻئي صورت ۾ سخت کان سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 08

ٽ ٽورنامينٽ جي شاندار شروعات ٿي وئي. سڄاول گرين ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ ٽورنامينٽ جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ضلعي انتظاميا، سماجي شخصيتن، ڪرڪيٽ سان لاڳاپيل ماڻهن ۽ نوجوان رانديگرن شرڪت ڪئي. افتتاحي تقريب جو افتتاح ڊپٽي ڪمشنر سڄاول سعيد احمد لغاري ۽ سماجي اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ ڪيو. ان موقعي تي نوجوان ڪرڪيٽرن ۾ ڀرپور جوش ۽ جذبو ڏسڻ ۾ آيو جڏهن ته رانديگرن پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ لهي پيا. ٽورنامينٽ جو پهريون رائونڊ ميچ سڄاول هاءِ اسڪول ۽ چِچ هاءِ اسڪول جي ڪرڪيٽ ٽيمن وچ ۾ کيڏيو ويو. ٻنهي ٽيمن جي رانديگرن شاندار راند جو مظاهرو ڪندي مقابلي کي دلچسپ بڻائي ڇڏيو. تقريب دوران ڳالهائيندي مهمانن چيو ته اهڙن ٽورنامينٽن سان ضلعي سڄاول جي نوجوانن کي پنهنجي ڪرڪيٽ صلاحيتون اجاگر ڪرڻ جو موقعو ملندو ۽ مقامي سطح تي موجود باصلاحيت رانديگرن کي اڳتي وڌڻ لاءِ بهتر پليٽ فارم فراهم ٿي سگهي ٿو. نوجوان رانديگرن جو چوڻ هو ته پي سي بي جي ٽيلنٽ هنٽ پروگرام ذريعي کين پنهنجي صلاحيتون ڏيکارڻ جو موقعو ملي رهيو آهي، جنهن سان مستقبل ۾ ضلعي سڄاول مان به قومي سطح جا ڪرڪيٽر سامهون اچڻ جون اميدون پيدا ٿيون آهن

بقايا عوامي سوچ 09

ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت مرڪز (ايم سي ايڇ سي) جو درجو پڻ ڏنو ويو آهي، جتي علائقي جي عوام لاءِ 24 ڪلاڪ مفت طبي سهولتن جي فراهمي جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو. افتتاحي تقريب ۾ يو سي چيئرمين رئيس عقيل احمد مري، پي پي ايڇ آءِ جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر جينا نند، ايگزيڪيوٽو آفيسر پي پي ايڇ آءِ شاهد جتوئي، ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر سنجي ڪمار ۽ ڊسپنسر زاهد علي ميمڻ سميت ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پي پي ايڇ آءِ جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر جينا نند ٻڌايو ته صحت مرڪز هاڻي 24 ڪلاڪ عوام جي خدمت لاءِ کليل رهندو، جتي عورتن ۽ ٻارن لاءِ مختلف مفت طبي سهولتون فراهم ڪيون وينديون. هن چيو ته مرڪز ۾ ماهر ڊاڪٽرن جي نگراني هيٺ عورتن جي بيمارين جو علاج، مفت ويم، حامله عورتن جو مفت چڪاس، وظيفو ۽ ممتا پروگرام، مفت الٽراسائونڊ ۽ ليبارٽري ٽيسٽ جهڙيون سهولتون فراهم ڪيون وينديون. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ماءُ ۽ ٻارن لاءِ مفت حفاظتي ٽڪا، خانداني منصوبابندي جون سهولتون، مختلف بيمارين جي تشخيص ۽ علاج سان گڏ مريضن کي مفت دوائون پڻ فراهم ڪيون وينديون، جڏهن ته ڪمزور ۽ غذائي کوٽ جو شڪار ٻارن لاءِ خوراڪ جي فراهمي جو پڻ انتظام ڪيو ويو آهي. جينا نند چيو ته بي ايڇ يو مير حسن مري کي ايم سي ايڇ سي ۾ اپگريڊ ڪرڻ جو مقصد علائقي جي عوام، خاص طور عورتن ۽ ٻارن کي سندن علائقي ۾ ئي 24 ڪلاڪ مفت ۽ بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. هن علائقي جي عوام کي اپيل ڪئي ته هو صحت مرڪز تي موجود مفت طبي سهولتن مان ڀرپور فائدو وٺن ۽ صحت بابت مسئلن جي صورت ۾ بروقت طبي معائنو ۽ علاج ڪرائين

بقايا عوامي سوچ 10

ٽي، امان الله مهر، امتياز علي لنڊ، غازي خان جمالي، عابد پنڊ، شمشاد جتوئي ۽ ٻين اڳواڻن دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پرائمري استادن جا بنيادي مسئلا ڊگهي عرصي کان حل طلب آهن، جڏهن ته موجوده ڪلسٽر پاليسي ۽ اسڪولن جي اپگريڊيشن سبب پرائمري استادن لاءِ سروس اسٽرڪچر جا فائدا محدود ٿيڻ جو خدشو آهي. اڳواڻن چيو ته آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي نئين چونڊيل مرڪزي ورڪنگ ڪاميٽي جي پهرين دستوري گڏجاڻي 9 آگسٽ 2026ع تي ٿي، جنهن ۾ استادن جي سروس اسٽرڪچر، پروموشنز، بدليون، ڪلسٽر پاليسي ۽ ٻين مسئلن تي تفصيلي غور ڪيو ويو. هنن چيو ته ڪيترائي وڏا پرائمري اسڪول ايليمينٽري اسڪولن ۾ اپگريڊ ٿي چڪا آهن يا ڪلسٽر حب جي ماتحت ڪيا ويا آهن، جڏهن ته ڪيترائي سنگل ٽيچر ۽ شيلٽر ليس اسڪول ڏورانهن علائقن ۾ موجود آهن. سندن چوڻ هو ته اهڙي صورتحال ۾ نئين سروس اسٽرڪچر کي اهڙي نموني ترتيب ڏيڻ ضروري آهي، جنهن سان پرائمري استادن کي حقيقي ترقي جا موقعا حاصل ٿي سگهن. استادن مطالبو ڪيو ته پرائمري ۽ ايليمينٽري اسڪولن لاءِ الڳ ڊائريڪٽوريٽ قائم ڪري اهي اسڪول ان جي انتظام هيٺ ڏنا وڃن، جڏهن ته سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري اسڪولن لاءِ الڳ ڊائريڪٽوريٽ آف سيڪنڊري قائم ڪئي وڃي. اڳواڻن مطالبو ڪيو ته سروس اسٽرڪچر ۾ پوسٽن جي نئين سر جوڙجڪ ڪندي پرائمري ٽيچر BPS_14، ايليمينٽري اسڪول ٽيچر BPS_16 ۽ هيڊ ٽيچر BPS_17 جون پوسٽون منظور ڪيون وڃن. جڏهن ته پرائمري استادن کي سينيئر PST بدران نئين EST پوسٽ تي ترقي ڏني وڃي. هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته ايليمينٽري اسڪولن ۾ هيڊ ماسٽر پرائمري استادن مان EST طور ترقي ماڻيندڙ استادن کي مقرر ڪيا وڃن. ساڳئي وقت سيڪنڊري اسڪولن ۾ EST استادن کي SST طور ترقي ڏيڻ ۽ اڳ ۾ ڀرتي ٿيل EST پوسٽن کي SST ۾ ڪنورٽ ڪري سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري اسڪولن ۾ مقرر ڪرڻ جو مطالبو پڻ ڪيو ويو. استادن تعليمي ڊگرين جي تصديق بابت نئين طريقيڪار تي پڻ اعتراض ڪندي چيو ته نوڪري دوران اڳ ئي ڊگريون تصديق ٿيڻ کان پوءِ ملازمن کي مقرري جا آرڊر ڏنا ويا هئا، تنهنڪري نئين تصديقي عمل سان استادن کي غير ضروري پريشاني ۽ تدريسي عمل متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. اڳواڻن ڪلسٽر پاليسي کي پرائمري تعليم دشمن پاليسي قرار ڏيندي مطالبو ڪيو ته پرائمري اسڪولن جي الڳ حيثيت برقرار رکي کين سيڪنڊري اسڪولن جي ماتحت نظام مان آزاد ڪيو وڃي. هنن چيو ته STR تحت بار بار استادن جون بدليون ڪرڻ بدران بدلين جو اختيار لاڳاپيل آفيسرن حوالي ڪيو وڃي ۽ بائيو ميٽرڪ سسٽم ۾ تبديلي جو اختيار به هيٺين سطح تائين منتقل ڪيو وڃي. اڳواڻن عالمي معيار موجب 20 شاگردن لاءِ هڪ استاد مقرر ڪرڻ، پرائمري استادن جي بدلين تان پابندي ختم ڪرڻ ۽ ضابطن موجب دستي طريقي سان بدلين جي اجازت ڏيڻ جو مطالبو ڪيو. هنن چيو ته پرائمري استادن جون پروموشنز ڪيترن ئي سالن کان رڪيل آهن. 2018ع ۾ PST ۽ JEST طور ڀرتي ٿيل ڪيترائي استاد اڳتي ترقي حاصل ڪري SST ۽ HST بڻجي چڪا آهن، پر ڪيترائي سينيئر پرائمري استاد اڃا تائين ترقيءَ کان محروم آهن. آل پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي اڳواڻن اعلان ڪيو ته مطالبا منظور نه ٿيڻ جي صورت ۾ 12 آڪٽوبر کان هر تعلقي ۾ ريليون ڪڍي پريس ڪلبن آڏو احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا، جڏهن ته 14، 15 ۽ 16 آڪٽوبر تي سنڌ جي مختلف پريس ڪلبن آڏو ٽن ڪلاڪن جون علامتي بک هڙتالون ڪيون وينديون. ان کان پوءِ 19 آڪٽوبر تي ضلعي پريس ڪلبن آڏو احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا. اڳواڻن چيو ته استادن جا مسئلا حل ٿيڻ تائين احتجاجي سلسلو جاري رکيو ويندو ۽ سنڌ جي تعليم کاتي کان مطالبو ڪيو ته استادن جا جائز مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪري تعليمي نظام کي وڌيڪ متاثر ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 11

ي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جي ايم ايس سيد امتياز علي شاهه، ٽي او تعليم دادو نياز الاهي ابڙو، انفارميشن آفيسر نوشهروفيروز عبيد الرحمان جتوئي، انفارميشن آفيسر سکر خادم حسين جتوئي، سلال خان جتوئي، عيقل احمد لاکو ۽ پنهور اتحاد دادو جي اڳواڻن الطاف احمد پنهور، رئيس نظير احمد پنهور، راجا رفيق پنهور ۽ محمد رمضان پنهور دادو پريس ڪلب پهچي صحافين سان ملاقات ڪئي، وفد پريس ڪلب دادو جي صدر نظام شيخ، جنرل سيڪريٽري گلڻ پنڊ ۽ نائب صدر سرور جلال سولنگي سان ملاقات ڪري ڇت ڪرڻ واري واقعي بابت معلومات حاصل ڪئي ۽ زخمي صحافين عبدالستار شيخ، علي گل چنا، سجاد علي سولنگي، نديم شاهاڻي، شوڪت ملاح ۽ شيراز شيخ جي عيادت ڪئي، وفد زخمي صحافين جي خيريت معلوم ڪندي ساڻن همدردي جو اظهار ڪيو ۽ واقعي تي افسوس جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ڊاڪٽر آفتاب پنڊ، رضوان منگي، سخي سردار چارڻ، ارباب رستماڻي، مختيار سومرو، قربان ميمڻ، سليم اختر پنهور سميت ٻيا صحافي پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 12

رخلاف عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار، مرڪزي اڳواڻ ستار رند، ممتاز پنڊ، عاطف ملاح ۽ ٻين اڳواڻن واهي پانڌي جو دورو ڪرڻ بعد دادو پريس ڪلب ۾ پريس بريفنگ ڏني ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار چيو ته پيپلزپارٽي سرڪار سنڌ کي ٽڪرا ڪندڙ ڌرين سان گڏ بيٺل آهي ۽ سنڌ جي وحدت خلاف ٿيندڙ قدمن تي پارٽي جو ڪردار عوام آڏو واضح ٿي رهيو آهي، هن چيو ته رڳو سنڌ اسيمبلي مان قرارداد پاس ڪرڻ سان پيپلزپارٽي پاڻ کي عوام دوست يا انقلابي ثابت نٿي ڪري سگهي، جڏهن ته سندس دعويٰ موجب پيپلزپارٽي سنڌ جي تاريخي ۽ قدرتي وسيلن کي نقصان پهچائڻ واري عمل ۾ ذميوار رهي آهي. لال جروار الزام لڳائيندي چيو ته سنڌو درياهه سنڌ جي جياپي جو بنيادي وسيلو آهي، پر ڊيمن، جلال پور، چولستان ۽ ٻين ڪئنالن ۽ بئراجن جي منصوبن ذريعي سنڌ جي زرعي زمينن ۽ پاڻي جي وسيلن کي متاثر ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. هن چيو ته اهڙن منصوبن سان سنڌ جي لکين ايڪڙ زرعي زمينن، ماحول ۽ آبادڪاري تي سنگين اثر پوڻ جو خدشو آهي. هن سنڌ جي عوام دوست ۽ قوم دوست ڌرين کي اپيل ڪئي ته سنڌ جي زمين، پاڻي، وسيلن، ٻولي ۽ ثقافت جي تحفظ لاءِ پرامن ۽ جمهوري جدوجهد کي اڳتي وڌايو وڃي، سندس چوڻ هو ته سنڌ جي سڃاڻپ، وجود ۽ گذر جا وسيلا اهم قومي مسئلا آهن، تنهن ڪري عوام کي پرامن طريقي سان پنهنجو آواز بلند ڪرڻ گهرجي، ان موقعي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻن دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ، جنرل سيڪريٽري گلڻ پنڊ، نائب صدر سرور جلال سولنگي ۽ ٻين صحافين سان ملاقات پڻ ڪئي، اڳواڻن دادو پريس ڪلب جي ڪانفرنس هال جي ڇت ڪرڻ سبب زخمي ٿيل صحافين جي خيريت معلوم ڪئي ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته دادو پريس ڪلب جي عمارت جي جلد مرمت ڪرائي صحافين لاءِ محفوظ ماحول فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 13

سرن سان گڏ روهڙي شهر جي مختلف بيڪرين جو گڏيل معائنو ڪيو ويو جنهن دوران صفائي، صحت ۽ خوراڪ جي معيار بابت مقرر ڪيل اصولن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي معائني دوران پيپاٽو بيڪري جو جائزو وٺڻ وقت بيڪري جي صفائي جي صورتحال مجموعي طور تي تسلي بخش قرار ڏني وئي جڏهن ته باورچ خاني جي سامهون موجود بيت الخلاءِ کي حفظان صحت جي اصولن جي ابتڙ قرار ڏنو ويو اختيارين بيت الخلاءِ کي سيل ڪري بيڪري انتظاميا کي هدايت ڪئي ته ان کي باورچ خاني کان مناسب فاصلي تي منتقل ڪيو وڃي جيئن خوراڪ جي تياري واري هنڌ تي صفائي ۽ صحت جا گهربل معيار برقرار رکي سگهجن ساڳئي ڪارروائي دوران ڊولفن بيڪري جو پڻ معائنو ڪيو ويو معائني دوران مقامي طور تي تيار ٿيندڙ ڊبل روٽي تي تياري يا استعمال جي تاريخ واضح طور درج نه هجڻ جو انڪشاف ٿيو اختيارين بيڪري انتظاميا کي سختي سان هدايت ڪئي ته آئنده سمورين خوراڪي شين تي گهربل تاريخ واضح ۽ پڙهڻ لائق نموني درج ڪئي وڃي جيئن صارفين کي خوراڪ جي شين جي معيار ۽ استعمال بابت صحيح ڄاڻ ملي سگهي آخر ۾ عثمان بيڪرز جي باورچي خاني جي معائني دوران صفائي جا انتهائي ناقص انتظام سامهون آيا جڏهن ته حفظان صحت جي اصولن جي سنگين ڀڃڪڙي پڻ ڏٺي وئي اختيارين موجب بيڪري ۾ موجود ڪجهه شيون غير معياري ۽ صحت لاءِ نقصانڪار قرار ڏنيون ويون جن کي موقعي تي ئي ضايع ڪيو ويو صورتحال جي سنگيني کي نظر ۾ رکندي عثمان بيڪرز کي سيل ڪيو ويو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي عُروَ وٽه چيو ته شهرين کي صاف سٿري ۽ معياري خوراڪ جي فراهمي يقيني بڻائڻ انتظاميا جي اهم ذميوارين مان آهي ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي هن چيو ته خوراڪ جي معيار، صفائي ۽ حفظانِ صحت بابت مقرر ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف بنا فرق ڪارروائي جو سلسلو جاري رکيو ويندو انتظاميا ۽ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي اهڙي گڏيل ڪارروائي جو مقصد خوراڪ تيار ۽ وڪرو ڪندڙ هنڌن تي صفائي جا معيار بهتر بڻائڻ غير معياري خوراڪ جي روڪٿام ۽ شهرين کي محفوظ خوراڪ جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ قرار ڏنو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 14

۾ گرفتار ٿي ويا. پوليس ذريعن موجب، ڪارروائي دوران گهارو شهر سان تعلق رکندڙ ٻن جوابدارن عامر چانڊيو ولد لطف علي (عرف لطو چانڊيو) ۽ خالق چانڊيو ولد غلام نبي چانڊيو کي زخمي حالت ۾ تحويل ۾ ورتو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار ڦر جي مختلف وارداتن ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث هئا سندن قبضي مان ڦر ٿيل ٻه موٽر سائيڪلون ۽ ٻه پسٽل برآمد ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته وڌيڪ تفتيش جاري آهي. ٻئي طرف، گرفتار ٿيل نوجوانن جي وارثن پوليس جي جُڙتو مقابلي جو الزام مڙهيندي موقف اختيار ڪيو آهي ته ٻئي نوجوان ڪجهه ڏينهن اڳ گم ٿي ويا هئا. مائٽن موجب، واقعي بابت اڳ ئي پوليس کي آگاهه ڪيو ويو هو، پر ان وقت لاتعلقي ظاهر ڪئي وئي هئي ۽ رات دير سان سندن گرفتاري کي مبينا مقابلي جو رنگ ڏنو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 15

يچ او حامد علي اوٺو پوليس نفري سان معمول جي گشت تي هو، جتي مشڪوڪ هٿيارٻند ماڻهو نظر آيا پوليس جي دعويٰ موجب، پوليس پارٽي کي ڏسي مشڪوڪ ماڻهن فائرنگ ڪئي، جنهن تي پوليس حقِ دفاع ۾ جوابي فائرنگ ڪئي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ شخص زخمي ٿي پيو، جنهن کي پوليس هٿيار سميت گرفتار ڪري طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو. پوليس موجب، گرفتار زخمي شخص جي سڃاڻپ نظر ولد عبدالشڪور سوڍو طور ٿي آهي، جنهن وٽان هڪ ٽي ٽي پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته فرار ٿيل ماڻهن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ ۽ ڇاپا جاري آهن، جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 16

ملاح منهنجي زمين تي قبضو ڪري هٿيار بند ماڻهون ويهاري ڇڏيا آهن ، مون ايس ايس پي بدين کي اهڙي لکت ۾ درخواست ڏني پر پوليس ڪا ڪارروائي نه ڪئي جنهن بعد مون بدين ڪورٽ ۾ 22/6 داخل ڪئي آهي ، عبدالخالق ملاح جو چوڻ آهي ته مخالف سياسي درجا ماڻهون آهن با اثر آهن انهي ڪري پوليس ڪارروائي نه پئي ڪري مخالف اهڙيون ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيا آهن ته اسان پنهنجو ماڻهون ماري توهان تي ڪيس داخل ڪنداسين آئون آئي جي سنڌ ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي بدين کي اپيل ٿو ڪريان ته مون کي انصاف ڏنو وڃي منهنجي زمين تي هٿيار بند ويٺل آهن انهن کي اٿاري زمين آجهي ڪرائي ڏني وڃي. عبدالخالق ملاح جو چوڻ آهي ته ڪو جاني مالي نقصان ٿيو ته ان جو زميدار نبي بخش ملاح سمجهيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 17

انڊسٽريز ۾ ڪارونجهر رائيس مل بدين جي افتتاحي تقريب پروقار نموني سان منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شهر جي سياسي، سماجي، مذهبي ۽ صحافتي حلقن سان تعلق رکندڙ ڪيترين ئي معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. ڪارونجهر رائيس مل بدين جو باقاعده افتتاح ميونسپل ڪميٽي بدين جي چيئرمين پير محمد صالح قريشي صاحب رِبن ڪٽي ڪيو. افتتاح جي موقعي تي پير محمد صالح قريشي صاحب، ڪارونجهر رائيس مل اونر ولي محمد خاصخيلي ۽ محمد يوسف خاصخيلي سان نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي ڪاروباري سرگرمين جي واڌ ۽ ڪاميابي لاءِ پنهنجي نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو. افتتاحي تقريب ۾ پير آف لواري شريف جي سياسي ۽ سماجي معاملن واري مينيجر عبدالرحمان بلوچ، يونين ڪائونسل لواري شريف جي چيئرمين مير انوار بخش ٽالپر، عبدالعزيز لانگاهه، نشات تنظيم ريجن بدين جي صدر فتح الله جوڻيجو، پريس ڪلب بدين جي سينيئر صحافي عبدالشڪور ميمڻ، هائيڊرو اليڪٽرڪ يونين بدين جي چيئرمين مولا بخش جوڻيجو سميت مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ڪيترين ئي معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مهمانن ڪارونجهر رائيس مل جي انتظاميا کي نئين ڪاروباري سفر جي شروعات تي مبارڪباد پيش ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته هي ادارو علائقي ۾ چانورن جي ڪاروبار ۽ زرعي شعبي سان لاڳاپيل سرگرمين کي هٿي ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو. تقريب دوران موجود مهمانن ۽ معزز شخصيتن پاران ڪارونجهر رائيس مل جي انتظاميا لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو ۽ اداري جي ڪاميابي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون پڻ ڪيون ويون

بقايا عوامي سوچ 18

ٿ ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي پروگرام (HELP) پاران مقامي خاندانن لاءِ مفت طبي ڪيمپ ۽ حفاظتي ٽڪن بابت آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ عورتن، ٻارن ۽ نياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪيمپ دوران 125 کان وڌيڪ عورتن جو مفت طبي معائنو ۽ طبي جائزو ورتو ويو، جڏهن ته ڊاڪٽر معصف ۽ ڊاڪٽر فاخره پاران تجويز ڪيل دوائون پڻ مستحق مريضن کي مفت فراهم ڪيون ويون. ان موقعي تي حفاظتي ٽڪن واري ٽيم پاران 50 اهڙن ٻارن جي نشاندهي ڪئي وئي، جن کي اڃا تائين ڪو به حفاظتي ٽڪو نه لڳو هو يا جيڪي ويڪسينيشن کان محروم هئا. انهن ٻارن کي ضروري حفاظتي ٽڪا لڳائڻ سان گڏ معمول جي ويڪسينيشن جو سلسلو پڻ بحال ڪيو ويو. ان کان علاوه 25 کان وڌيڪ نياڻين کي هيومن پيپيلوما وائرس (HPV) کان بچاءَ جي ويڪسين پڻ لڳائي وئي. ڪيمپ دوران EPI بابت خصوصي آگاهي سيشن پڻ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ 150 کان وڌيڪ مائرن ۽ نياڻين شرڪت ڪئي. صحت جي ماهرن ۽ سهولتڪارن پاران ٻارن جي معمول جي ويڪسينيشن مڪمل ڪرائڻ، HPV ويڪسين جي اهميت ۽ صحت بابت مثبت روين کي هٿي وٺرائڻ ۾ مائرن جي ڪردار بابت آگاهي ڏني وئي. معروف مقامي سماجي شخصيت وڏيرو محمد اصغر پاتني پڻ آگاهي سيشن ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪميونٽي پاران صحت عامه جي سرگرمين کي ساراهيو. طبي ڪيمپ جي انعقاد ۾ ڊاڪٽر معصف، ڊاڪٽر فاخره، HELP جي پروگرام مينيجر ڊاڪٽر عمارا، آصف بجير، رخسانه ۽ امتياز عباسي سميت فيلڊ اسٽاف اهم ڪردار ادا ڪيو. جڏهن ته صحت کاتي پاران TSV شاهد روشن سهڪار فراهم ڪيو. EPI ويڪسينيشن ٽيم ۽ پوليو ڪميونٽي بيسڊ والنٽيئرز (CBV) ٽيم پڻ فيلڊ سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتو. HELP انتظاميا موجب اهڙين ڪميونٽي آئوٽ ريچ سرگرمين جو مقصد پسمانده آبادين تائين بنيادي صحت جون سهولتون پهچائڻ، حفاظتي ٽڪن بابت شعور اجاگر ڪرڻ ۽ صحت بابت مثبت روين کي هٿي وٺرائڻ آهي. ان موقعي تي وڏيرو محمد اصغر پاتني ۽ ڪائونسلر اقبال خاصخيلي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان هيلٿ ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي پروگرام (HELP) جي ٽيم جا ٿورائتا آهيون، جن هن پسمانده علائقي ۾ مفت طبي ڪيمپ لڳائڻ سان گڏ مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسينيشن جون سهولتون پڻ فراهم ڪيون. هنن چيو ته اهڙيون صحت جون سرگرميون غريب ۽ پسمانده علائقن جي ماڻهن لاءِ وڏي اهميت رکن ٿيون.

بقايا عوامي سوچ 19

هولتن جي کوٽ سبب سخت متاثر ٿي رهيو آهي، جڏهن ته روزانو سوين غريب ۽ مسڪين مريض علاج لاءِ اسپتال پهچن ٿا، پر کين گهربل طبي سهولتون ميسر نه ٿي رهيون آهن. ذريعن موجب اسپتال ۾ 17 ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻيون هڪ سؤ کان مٿي ننڍو عملو تقريبن هر مهيني ڏيڍ کان ٻه ڪروڙ روپيه پگهار پيمينٽ ٿيندي ان رورل هيلٿ سينٽر ۾ ضروري دوائن جي کوٽ برقرار آهي، جڏهن ته رات جي وقت بجلي جي سهولت پڻ نه هجڻ سبب مريضن ۽ اسپتال جي عملي کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو اسپتال جو بجلي وارو ٽرانسفارمر گذريل پنجن سالن کان خراب پيل هجڻ جي دعويٰ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته اين جي اوز طرفان فراهم ڪيل سولر سسٽم پڻ خراب هجڻ ڪري اسپتال اونداهي ۾ رهڻ لڳو آهي. اسپتال ۾ موجود جنريٽر به خراب پيل آهي، جڏهن ته ڊاڪٽرن جي کوٽ، الٽراسائونڊ سسٽم جي غيرفعال هجڻ ۽ ٻين ضروري طبي سهولتن جي کوٽ سبب مريضن کي علاج لاءِ ٻين شهرن ڏانهن وڃڻو پوي ٿو. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جنگشاهي ۽ ڪوهستان مان ريلوي ٽريڪ پڻ گذري ٿو ۽ ڪنهن به وقت وڏي ايمرجنسي واري صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي، اهڙي صورت ۾ موجوده ناقص طبي سهولتن سبب وڏي انساني نقصان جو خدشو موجود آهي. علائقي واسين، سماجي اڳواڻن نالي منير احمد بروهي، محمد جمن جوکيو رضوان بروهي محمد شفيق جوکيو اويس بروهي ٻين چيو ته صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين، ضلعي انتظاميا ۽ چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو آهي ته جنگشاهي رورل هيلٿ سينٽر ۾ فوري طور ضروري دوائون، ڊاڪٽر، بجلي جو ٽرانسفارمر، سولر سسٽم ۽ جنريٽر بحال ڪرڻ سان گڏ الٽراسائونڊ سسٽم فعال ڪيو وڃي، جيئن روزانو ايندڙ سوين مريضن کي سندن علائقي ۾ ئي صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ٿي سگهن

بقايا عوامي سوچ 20

هنيو ته سندس ڌيءَ ثمينه کي مڙس سهٽو نول، سهرو عرس نول ۽ ڏير روشن نول مبينا ڪارنهن جو الزام هڻي سخت تشدد ڪيو جنهن سبب سندس ٻنهي اکين جي بينائي ختم ٿي وئي آهي هن چيو ته تشدد ڪانپوءِ ثمينه کي لڪائي کين سندس فوت ٿيڻ جو اطلاع ڏنو ويو جڏهن ته عدالت ذريعي نياڻي واپس ملي. شريفان رودناڻي مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري ثمينه جو علاج ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 21

ي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ مجاهد ڪالوني ۾ اسان جي مائٽن ممتاز، مهتاب ۽ آفتاب جي ٻارن سان معمولي ڳالهه تان اسان جي پٽ جو جهيڙو ٿي پيو هو جنهن بعد مذڪوره ماڻهن اسان جي گهر اچي پٽ تي تشدد ۽ مارڪٽ ڪئي هنن چيو ته اسان بي سيڪشن ٿاڻي تي متن اين سي به داخل ڪرائي جنهن تان مددگار پوليس جو ننڍو منشي نور حسن پتافي اسان تي مڃرجي ٿاڻي پهچي جوابدارن کي آزاد ڪرائي اسان کي ڌمڪيون ڏئي پڇائي ڇڏيو جيڪو هاڻ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان تمام غريب آهيون مزدوري ڪري ٻچن جو پيٽ پاريون ٿا 2 ڏينهن اڳ فيصلو رکيو ويو پر هي فيصلي تي به راضي نه ٿيا نور حسن پتافي وردي جو غلط استعمال ڪري ڪوڙو ڊرامو رچائي ڦاسائڻ چاهي ٿو هنن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته پوليس عملدار نور حسن پتافي ۽ ٻين خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 22

۾ چيئرمين حاجي نواز علي بروهي، وائيس چيئرمين رانا محمد عارف سميت ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي نمائندن، لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن، معزز علائقي واسين ۽ شهرين شرڪت ڪئي. ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي پروگرام جي مختلف حصن جو دورو ڪيو ۽ شهرين لاءِ فراهم ڪيل طبي سهولتن، انتظامن ۽ ٻين سرگرمين جو جائزو ورتو. هن منتظمين کان پروگرام جي مقصدن ۽ عوام کي فراهم ڪيل سهولتن بابت تفصيلي ڄاڻ پڻ حاصل ڪئي. ان موقعي تي حاجي نواز علي بروهي چيو ته عوامي ڀلائي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي ترجيحن ۾ شامل آهي. صحت جي شعبي ۾ اهڙن پروگرامن جو انعقاد خاص طور تي انهن علائقن جي عوام لاءِ اهم آهي، جتي شهرين کي بنيادي طبي سهولتون حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. هن چيو ته فلاحي ادارن ۽ لاڳاپيل تنظيمن جي سهڪار سان عوام تائين صحت جون سهولتون ۽ آگاهي پهچائڻ جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو. هن چيو ته منگهوپير ٽائون جي مختلف يونين ڪميٽين ۽ آبادين ۾ عوامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي فلاحي سرگرمين جي همٿ افزائي ڪئي ويندي، جڏهن ته عوامي خدمت جي منصوبن ۾ لاڳاپيل ادارن سان هر ممڪن سهڪار جاري رکيو ويندو. پروگرام دوران شهرين لاءِ طبي سهولتن سان گڏ ٻارن لاءِ مختلف تفريحي ۽ تخليقي سرگرمين جو پڻ اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ٻارن ڀرپور دلچسپي جو اظهار ڪيو. پروگرام ذريعي مقامي آبادي کي صحت بابت سهولت ۽ رهنمائي فراهم ڪرڻ سان گڏ ٻارن کي مثبت سرگرمين ۾ مصروف رکڻ لاءِ پڻ خاص انتظام ڪيا ويا. ان موقعي تي يونيسيف جي ڪنٽري هيڊ ڊاڪٽر جارج جي شرڪت پڻ نمايان رهي. تقريب دوران کين سنڌ جي ثقافتي روايت موجب اجرڪ پيش ڪئي وئي. ڊاڪٽر جارج ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جو شڪريو ادا ڪندي پروگرام جي انعقاد ۾ سندس سهڪار کي ساراهيو ۽ عوامي ڀلائي لاءِ گڏيل سهڪار جي اهميت تي زور ڏنو. تقريب ۾ ڪائونسلر يو سي 1 جاويد بروهي، ولي محمد، ماري صاحب، ميڊم ڪوثر اقبال ۽ ٻين معزز شخصيتن ۽ لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي. پروگرام ۾ علائقي واسين پاران پڻ ڀرپور دلچسپي جو اظهار ڪيو ويو ۽ عوامي صحت بابت سرگرمي جي انعقاد کي ساراهيو ويو

بقايا عوامي سوچ 23

گهر واري سان گڏ ڳوٺ جي بااثرن خلاف ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاج انصاف جو مطالبو تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ عبدالرحمان شر جي رهواسي استاد ظفر شر پنهنجي گهر واري سان گڏ ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو پهچي ڳوٺ جي بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي استاد ظفر شر جو چوڻ هو ته ڳوٺ جي بااثرن مولوي اصغر ايوب شر بي گناهه منهنجي پٽ متان ڪارنهن جو ڪوڙو الزام هنيو آهي هن چيو ته اڳ ۾ به جرڳائي پوتارن سندس پٽ تي ڪوڙو ڪارنهن جو الزام هڻي عيوضو ورتو هيو هاڻ هڪ ڀيرو ٻيهر ڪوڙو الزام هڻي اسان جي زندگيءَ زهر بڻائي ڇڏي آهي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪو ظلم آهي هنن ايس ايس پي گهوٽڪي سيشن جج گهوٽڪي کان انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا عوامي سوچ 24

لاف ڊي ايس پي سيوهڻ احمد بخش راهوجو جو وڏو ايڪشن، سيوهڻ شهر ۾ مختلف چونڪن تي غير قانوني بهڻ وارن رڪشن ۽ وڏي آواز ٽيپ رڪاڊ هلائڻ وارن خلاف ڊي ايس پي سيوهڻ جي اڳواڻي ۾ وڏي ڪارروائي، ٽريفڪ انچارج ارشد علي ڪنير سيوهڻ شهر مان 15 کان وڌيڪ رڪشا چالان ڪيا ويا، ٽريفڪ انچارج ارشد علي ڪنير جو چوڻ آهي ته ڪافي دفعا رڪشن وارن کي چيو آهي ته سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ اينڊ ميڊيڪل سائنس جي اڳيان يا شاهي بازار چونڪ، ڪلمه چونڪ سيوهڻ شهر جو جهاز چونڪ تي رڪشن جي رش نه ڪريو پر پوءِ به رڪشن جي رش ڪري بيٺل رهن ٿا ۽ وڏي آواز ۾ ٽيپ رڪاڊ هلائڻ به بند نه ٿا ڪن، اڄ اسان انهن خلاف ڪارروائي ڪئي آهي، رڪشن وارن جي ڪري رستو سوڙهو ٿئي ٿو جنهن جي ڪري شهرين ۽ زائرين کي اچڻ وڃڻ ۾ تڪليف اچي ٿي ۽ زائرين جا بشني موبائلون ۽ پيسه ڪڍي وڃن ٿا، جنهن جون شڪايتون سوشل ميڊيا، پرنٽ ميڊيا، ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي خبرون پڻ هليون هيون، جنهن جي ڪري هي ڪارروائي ڪئي وئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 25

وارثن حوالي . گهر ۾ ڪهرام خبر موجب ٽنڊوالهيار شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد سچل ڪالوني ۾ رهندڙ 23 ورهين جي نوجوان شيراز ولد معروف لغاري گهر جي ڇت ۾ لڳل لوهي پائيپ ۾ رسو ٻڌي مبينه طور آپگهات ڪري زندگي جو انت آندو اطلاع تي بي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي سول اسپتال منتقل ڪيو معلوم ٿيو آهي ته نوجوان جي 6 مهينا اڳ پسند جي شادي ٿي هئي. سندس گهر واري ٻه ڏينهن اڳ ڪاوڙجي پنهنجن مائٽن وٽ هلي ويئي هئي. شيراز لغاري جي والد معروف لغاري موجب منهنجو پٽ شيراز لغاري گهر ۾ اڪيلو هو ۽ اڄ سندس گهر اندر ٽنگيل لاش هٿ آيو آهي بي پاسي بي سيڪشن پوليس ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا عوامي سوچ 26

سنڌ اسٽڊيزجو تفصيلي دورو ڪيو. دوري دوران انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ڀائي خان شر، ڊجيٽل لائبريري انچارج نرنجن راجاڻي ۽ فزيڪل لائبريري انچارج لياقت علي رضوي صاحب کيس اداري جي ڪم ڪار بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني، ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي اداري جي مختلف حصن خاص طور تي اسڪيننگ روم، لائبريري، ريڊنگ روم جو معائنو ڪيو جتي کيس ڄاڻ ڏني وئي ته هتي سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت بابت ناياب ڪتابن، قلمي نسخن ۽ رسالن کي ڊجيٽلائيز ڪري محفوظ ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته لائبريري ۾ لا ڪاليج جي شاگردن، چناپيٽي جي امتحانن لاءِ تياري ڪندڙ نوجوانن سان ملاقات ڪري ساڻن مختلف موضوعن تي ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي، ان موقعي تي ڊي سي غضنفر علي قادري چيو ته ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ سنڌ جي علمي سرمائي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ انتهائي شاندار ڪم ڪري رهيو آهي، زرعي سائنسدان مرحوم محمد حسين پنهور جي نالي سان منسوب هي ادارو حقيقت ۾ سنڌ جو قومي اثاثو آهي. اهڙن ادارن جي حوصلا افزائي اسان سڀني جي ذميواري آهي. هن وڌيڪ چيو ته ضلعي انتظاميا پاران منهنجي طرفان ذاتي طور تي ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز ڄامشورو کي ڪتابن جي صورت ۾ هر ممڪن سهڪار فراهم ويندو ته جيئن نوجوان نسل کي سنڌ جي تاريخ بابت وڌيڪ ڄاڻ ملي سگهي، ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري انسٽيٽيوٽ انتظاميا کي تجويز ڏني ته هو مختلف ادارن ۾ جاڳرتا سيمينار ڪرائي هن اهم اداري بابت ڄاڻ ڏين ته جيئن سنڌ جا نوجوان هن مان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن. آخر ۾ اداري جي انتظاميا ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري کي سنڌ جي ثقافت تي لکيل ڪتاب تحفي طور پيش ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 27

ار ۽ سب انجنيئر خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڄامشورو جي وارڊ نمبر 6 ۾ ترقياتي ڪمن ۾ مبينا ڪرپشن ۽ ڪم اڌ ۾ بند ڪرڻ خلاف وارڊ نمبر 6 جي رهواسين پ پ اڳواڻ ظفر بليدي، ڪامران ڪوڪر، بلاول جمالي، دادا سنجراڻي، طارق ابڙو، ذوالفقار مغيري، ساگر مغيري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهر جي مک چوڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڄامشورو جي وارڊ نمبر 6 ۾ ترقياتي ڪمن لاءِ سنڌ سرڪار طرفان هڪ ڪروڙ رپين جي اسڪيم ڏني وئي جنهن جو ٺيڪيدار زين آمڙو آهي، هنن چيو ته هڪ ڪروڙ رپين واري اسڪيم مان وارڊ نمبر 6 ۾ صرف هڪ ننڍڙي گهٽي ۾ پيور بلاڪ لڳائڻ ڪانپوءِ ڪم اڌ ۾ بند ڪري لکين رپين جي ڪرپشن ڪئي وئي، هنن چيو ته ٺيڪيدار جي ان ڪرپشن ۾ سب انجنيئر وقار حسين به ملوث آهي جنهن ناڪارا ڪم کي به بهتر ڪم ڄاڻايو آهي، هنن چيو ته اسان ٺيڪيدار زين آمڙو کي ڪيترائي ڀيرا ڪم مڪمل ڪرڻ لاءِ چيو آهي پر هو اسان کي هڪ ئي جواب ڏئي ٿو ته آئون ڪم پنهنجي مرضي سان ڪندس توهان کي جيڪو وڻي وڃي ڪيو. ظفر بليدي چيو ته اسان پ پ اڳواڻ آهيون ۽ پنهنجي وارڊ مان ماڻهن کان سوين ووٽ وٺون ٿا، ٺيڪيدار ترقياتي ڪمن ۾ ڪرپشن ڪري علائقي ۾ اسان جي ساک متاثر ڪري رهيو آهي، احتجاج ڪندڙ وارڊ نمبر 6 جي رهواسين پيپلز پارٽي جي مرڪزي قيادت ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته ٺيڪيدار زين آمڙو ۽ سب انجنيئر وقار حسين خلاف ڪارروائي ڪري ڄامشورو جي وارڊ نمبر 6 جو اڌ ۾ ڇڏيل ترقياتي ڪم مڪمل ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 28

2 لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي ٽنڊوالهيار سول جج جوڊيشنل مئجسٽريٽ نمبر 3 محمد نعمان جتوئي جي عدالت خام مال ۽ تيار مين پڙي جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن نياز شاهه ۽ خان محمد لاشاري کي ٻه ٻه سال قيد ۽ 2 ٻه لک ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي ٻنهي جوابدارن تي شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو هو ٽنڊوالهيار جي عدالت فيصلو ٻڌائيندي ٻنهي جوابدارن کي جيل موڪلي ڇڏيو

بقايا عوامي سوچ 29

ڪجهه ماڻهن مبينا طور مٿس حملو ڪيو، جنهن دوران هن ڀڄي وڃي پنهنجي جان بچائي. ظهير احمد سومرو جو چوڻ هو ته واقعي ڪانپوءِ عظيم لاشاري جي مبينا طور هارٽ اٽيڪ سبب فوتگي ٿي، جنهن جو الزام ۽ خون مٿن مڙهيو پيو وڃي، جڏهن ته هو پاڻ کي بيگناهه قرار ڏئي ٿو. ظهير احمد سومرو چيو ته هو فوج مان رٽائر ٿي ۽ پينشن جا پئسا ملڻ بعد هن پنهنجي زمين تي سولر پليٽون خريد ڪري لڳايون ۽ هڪ ڪمرو پڻ تعمير ڪرايو. سندس دعويٰ موجب ڪمري ۾ سندس ذاتي سامان، سيمينٽ جون ٻوريون ۽ ڇت جو لوهه موجود هو. هن وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته سندس زمين تي موجود ڪمند ۽ ڪپهه جي فصل جو لاشاري برادري نقصان ڪيو آهي، جڏهن ته سولر پليٽون، ڇت جو لوهه ۽ ڪمري ۾ موجود ٻيو سامان پڻ مبينا طور لاشاري برادري جا ماڻهون کڻي ويا آهن، جنهن سبب کيس مالي نقصان پهتو آهي. ظهير احمد سومرو جو وڌيڪ چوڻ هو ته 16 سيپٽمبر 2026ع تي واقعي واري ڏينهن پوليس سندن ڳوٺ آئي سومرا برادري سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي لاڪ اپ ڪيو، جڏهن ته سندس ٻه ڀائر مهرالدين ۽ صحبت علي پڻ هن وقت تائين لاڪ اپ ۾ آهن. جن کي پڻ لاشاري برادري جي ڪجهه ماڻهن بيگناهه ڪيس ۾ ڦاسايو آهي سندس چوڻ هو ته هڪ ڌر جي ماڻهن خلاف ڪارروائي سان گڏ سومرا برادري جي گرفتار ماڻهن ۽ سندن موقف کي پڻ انصاف سان ڏٺو وڃي. ظهير احمد سومرو ايس ايڇ او سوڀوديرو، ڊي ايس پي سوڀوديرو، ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، ٻنهي ڌرين جو موقف ٻڌي اصل حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ کيس انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 30

ٿين دوران 2 ڪلو کان وڌيڪ چرس، 5900 ديسي گٽڪا، 159 ليٽر ديسي شراب، هڪ آڪٽرا بُڪ ۽ 3200 روپيا روڪ رقم برآمد ڪئي وئي آهي. گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

ٽنڊو محمد خان ۾ انڊس ميڊيڪل ڪاليج اسپتال پاران بريسٽ ڪينسر بابت آگاهي

مرض جي بروقت تشخيص ۽ مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ 15 ڏينهن واري مفت ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪئي وئي

افتتاحي تقريب ۾ يونيورسٽي ۽ اسپتال جي انتظاميا، ڊاڪٽرن، طبي عملي ۽ ٻين مهمانن شرڪت ڪئي

بريسٽ ڪينسر عورتن ۾ هڪ اهم طبي مسئلو آهي، جنهن بابت عوام، خاص طور عورتن ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ حبيب شيخ)ٽنڊو محمد خان ۾ انڊس ميڊيڪل ڪاليج اسپتال پاران بريسٽ ڪينسر بابت آگاهي ۽ مفت طبي سهولتن لاءِ 15 ڏينهن واري ميڊيڪل ڪيمپ قائم ٽنڊو محمد خان ۾ انڊس ميڊيڪل ڪاليج اسپتا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

اديب، دانشور، سماج سڌارڪ ۽ سپلاجي باني اڳواڻ پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جي اٺين ورسي

يادگار ايوارڊ 2026 ع تقريب بعنوان "پروفيسر لياقت عزيز سولنگي هڪ سنڌ دوست مزاحمتي ڪردار

پروفيسر لياقت عزيز سولنگي اتساهه جو نالو هو، جنهن وٽ ٽڪجي ويهي رهڻ بجاءِ، مسلسل هلڻ ۽ جستجو ڪرڻ جو منفرد ڏانءُ هو

سنڌي ٻولي، ثقافت، تعليم، صحت سميت انيڪ مسئلن خاطر جدوجهد ۽ مزاحمت ڪرڻ ئي حقيقي معني' ۾ زندگي ءُ هئي

ٽنڊو محمد خان(رپورٽ حبيب شيخ)ٽنڊو محمد خان ناميارٍي تعليمدان، اديب، دانشور، سماج سڌارڪ ۽ سپلاجي باني اڳواڻ پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جي اٺين ورسي، يادگار ايوارڊ 2026 ع تقريب بعنوان "پروفيسر لياقت عزيز سولنگي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ڪوٽ غلام محمد شهيد مبارڪ علي ڊي نائيٽ ڪرڪيٽ سپر ليگ جو شاندار فائنل

ڪوٽ غلام محمد ۾ شهيد مبارڪ علي ڊي نائيٽ ڪرڪيٽ سپر ليگ جو شاندار فائنل منعقد ڪيو ويو

جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي (PPP) تعلقه صدر حاجي محمد رفيق ڀرڳڙي خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

تقريب ۾ ڪرڪيٽ جي شوقينن ۽ علائقي جي معززن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽ عبدالحميد ڪوسو) ڪوٽ غلام محمد شهيد مبارڪ علي ڊي نائيٽ ڪرڪيٽ سپر ليگ جو شاندار فائنل، حاجي محمد رفيق ڀرڳڙي جي شرڪت ڪوٽ غلام محمد ۾ شهيد مبارڪ علي ڊي نائيٽ ڪرڪي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ٺٽو پوليس جو ڪامياب پوليس مقابلو ڪرمنل گينگ بئسٽ

پوليس مقابلي دوران بائيڪ سنيچنگ / چوري سميت سنگين نوعيت جي وارداتن ۾ ملوث ٻه ملزم زخمي حالتن ۾ گرفتار

ڌوهن ۾ استعمال ٿيل ٻه پيسٽل، ٻه موٽرسائيڪلون ۽ هڪ موبائل فون هٿ

ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي هدايتن تي ڌوهارين خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽو پوليس جو ڪامياب پوليس مقابلو ڪرمنل گينگ بئسٽ پوليس مقابلي دوران بائيڪ سنيچنگ / چوري سميت سنگين نوعيت جي وارداتن ۾ ملوث ٻه ملزم زخمي حالتن ۾ گرفتار، ڌوهن ۾ استعمال ٿيل ٻه پيسٽ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي صدارت هيٺ ري رائٽنگ رڪارڊ آف رائٽس بابت اهم اجلاس

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي صدارت هيٺ سندس آفيس ۾ ري رائٽنگ رڪارڊ آف رائٽس جي جاري ڪم جو جائزو وٺڻ لاءِ اهم اجلاس منعقد ٿيو

جنهن ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن شرڪت ڪئي

ري رائٽنگ رڪارڊ آف رائٽس جي جاري ڪم ۽ مختلف تعلقن ۾ ٽينڊر اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي صدارت هيٺ ري رائٽنگ رڪارڊ آف رائٽس بابت اهم اجلاس _ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي صدارت هيٺ سندس آفيس ۾ ري رائٽنگ رڪارڊ آف رائٽس جي جاري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

استاد عبدالعزيز ڪينجهرائي سولنگي ڪينجهر ڍنڍ ڪناري ڳوٺ الهڏنو سولنگي ۾ ڪافي وقت بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو

سندس جنازي نماز ڳوٺ ۾ ادا ڪرڻ بعد کيس ڳوٺ پرسان اباڻي قبرستان ۾ هزارين اکين جي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

صحافين، شهرين، اديبن، شاعرن، ليکڪن، دانشورن، ڳوٺاڻن، سياسي، سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت

ڪامريڊ عبدالعزيز ڪينجهرائي پنهنجي علم، ادب، فڪر ۽ ترقي پسند سياسي جدوجهد سبب سنڌ جي ادبي ۽ سياسي حلقن ۾ سڃاتو ويندو هو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) سنڌ جي ناليوارو ليکڪ، اديب، دانشور، اڳوٽي ترقي پسند ۽ جاکوڙي سياسي اڳواڻ ڪامريڊ ۽ استاد عبدالعزيز ڪينجهرائي سولنگي ڪينجهر ڍنڍ ڪناري ڳوٺ الهڏنو سولنگي ۾ ڪافي وقت بيمار رهڻ بعد لاڏ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

گهارو شهر جي نئي آبادي جي رهواسي اميرالبحر سنڌ جي نائب صدر، ملاح اڳواڻ محمد اشرف ملاح جو احتجاج

منشيات فروش دلشاد علي جويو ولد دوست علي جويو ۽ سندس ساٿي کلي عام منشيات جو ڪاروبار ڪري نوجوان نسل کي تباهي طرف ڌڪي رهيا اهن

جن پاران ڪچي شراب جون ڀٽيون پڻ قائم ڪيون ويون اهن، جن منشيات فروشن خلاف پوليس ڪا ٻ ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) گهارو شهر جي نئي آبادي جي رهواسي اميرالبحر سنڌ جي نائب صدر، ملاح اڳواڻ محمد اشرف ملاح صحافين سان ڳالهائيندي الزام هڻندي چيو اهي ته گهارو شهر جي نئي آبادي ۾ منشيات فروش دلشاد علي جويو ولد دوست علي جويو ۽ سندس ساٿي کلي عام منشيات جو ڪاروبار ڪري نوجوان نسل کي تباهي طرف ڌڪي رهيا اهن. جن پاران ڪچي شراب /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

پي سي بي ٽيلنٽ هنٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي شاندار شروعات، نوجوان رانديگرن ۾ جوش

باصلاحيت ڪرڪيٽرن جي ڳولا لاءِ ٽيلنٽ هنٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي شاندار شروعات ٿي وئي

سجاول گرين ڪرڪيٽ گرائونڊ ۾ ٽورنامينٽ جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ)پي سي بي ٽيلنٽ هنٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي شاندار شروعات، نوجوان رانديگرن ۾ جوش سجاول ۾ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (PCB)طرفان نون ۽ باصلاحيت ڪرڪيٽرن جي ڳولا لاءِ ٽيلنٽ هنٽ ڪرڪي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

بدين ۾ ڪارونجهر رائيس مل جو شاندار افتتاح، مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن جي شرڪت

سمال انڊسٽريز ۾ ڪارونجهر رائيس مل بدين جي افتتاحي تقريب پروقار نموني سان منعقد ڪئي وئي

شهر جي سياسي، سماجي، مذهبي ۽ صحافتي حلقن سان تعلق رکندڙ ڪيترين ئي معزز شخصيتن شرڪت

بدين (رجب راهمون) بدين ۾ ڪارونجهر رائيس مل جو شاندار افتتاح، مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن جي شرڪت تفصيل موجب سمال /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

سيراڻي جي رهواسي عبدالخالق ملاح جي نيشنل پريس ڪلب بدين تي پريس ڪانفرنس

نبي بخش ملاح منهنجي زمين تي قبضو ڪري هٿيار بند ماڻهون ويهاري ڇڏيا آهن

پوليس ڪا ٻ ڪاروائي نه ڪئي جنهن بعد مون بدين ڪورٽ ۾ 22/6 داخل ڪئي آهي ، عبدالخالق ملاح

بدين (رجب راهمون) سيراڻي جي رهواسي عبدالخالق ملاح جي نيشنل پريس ڪلب بدين تي پريس ڪانفرنس سندس چوڻ آهي ته نبي بخش /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

سجاول بدين روڊ تي پٽي روڊ وٽ ٿاڻي سجاول جي پوليس جو مبينا هٿيار بندن سان مقابلو ٿيو

ايس ايڇ او حامد علي اوٺو پوليس نفري سان معمول جي گشت تي هو، جتي مشڪوڪ هٿياربند ماڻهو نظر آيا

پوليس پارٽي کي ڏسي مشڪوڪ ماڻهن فائرنگ ڪئي، جنهن تي پوليس حقِ دفاع ۾ جوابي فائرنگ ڪئي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ)سجاول بدين روڊ تي پٽي روڊ وٽ ٿاڻي سجاول جي پوليس جو مبينا هٿياربندن سان مقابلو ٿيو پوليس موجب، ايس ا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ٺٽو پوليس پاران ڌوهارين خلاف ڪارروائين ۾ تيزي

گجو لڳ هاليجي روڊ تي مبينا پوليس مقابلي دوران ٻه جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ٿي ويا

گهارو (رپورٽر) ٺٽو پوليس پاران ڌوهارين خلاف ڪارروائين ۾ تيزي، گجو لڳ هاليجي روڊ تي مبينا پوليس مقابلي دوران ٻه جوابدار زخمي حالت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي عُروَت وٿڻ پاران سنڌ فوڊ اٿارٽي جي آفيسرن سان گڏ روهڙي شهر جي مختلف بيڪرين جو ڪڏيل معائنو

جنهن دوران صفائي، صحت ۽ خوراڪ جي معيار بابت مقرر ڪيل اصولن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي

پياٽو بيڪري جو جائزو وٺڻ وقت بيڪري جي صفائي جي صورتحال مجموعي طور تي تسلي بخش قرار ڏني وئي

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي عُروَت وٿڻ پاران سنڌ فوڊ اٿارٽي جي آفي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ زمينن ۽ معدني وسيلن تي قبضن خلاف مزاحمت ڪنداسين : عوامي تحريڪ

سنڌ جي وحدت خلاف ٽينڊر قدمن تي پارٽي جو ڪردار عوام آڏو واضح ٿي رهيو آهي

رڳو سنڌ اسيمبلي مان قرارداد پاس ڪرڻ سان پيپلزپارٽي پاڻ کي عوام دوست يا انقلابي ثابت نٿي ڪري سگهي

دادو (رپورٽ:محمد رفيق چنه) سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ، زمينن ۽ معدني وسيلن تي قبضن ۽ جلال پور سميت سمورن ڪئنالن ۽ ڊيمن جي تعمي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

دادو پريس ڪلب جي ڇت ڪرڻ واري واقعي بعد زخمي صحافين جي عيادت

مختلف آفيسرن ۽ پنهور اتحاد جي اڳواڻن پاران همدردي جو اظهار

ارباب رستماڻي، مختيار سومرو، قربان ميمڻ، سليم اختر پنهور سميت ٻيا صحافي پڻ موجود هئا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو پريس ڪلب جي ڪانفرنس هال جي ڇت ڪرڻ سبب صحافين جي زخمي ٿيڻ واري افسوسناڪ واقعي بعد ڊ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ڪلسٽر پاليسي پرائمري تعليم دشمن آهي، رد ڪريون ٿا : آل پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن

سروس اسٽرڪچر، پروموشنز ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ 12 آڪٽوبر کان احتجاجي تحريڪ جو اعلان

استادن جا جائز مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪري تعليمي نظام کي وڌيڪ متاثر ٿيڻ کان بچايو وڃي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) آل پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي مرڪزي صدر غلام رسول مهر، اعجاز علي چانڊيو، ظهيرالدين شاها/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

دادو پريس ڪلب ضلع دادو

پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي انتظام هيٺ هلندڙ بنيادي صحت مرڪز (بي ايڇ يو) مير حسن مري کي اپگريڊ ڪري ڇڏيو

جنهن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت مرڪز (ايم سي ايڇ سي) جو درجو پڻ ڏنو ويو آهي

جتي علائقي جي عوام لاءِ 24 ڪلاڪ مفت طبي سهولتن جي فراهمي جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو

ٽنڊوآدم (رپورٽرمشتاق مينگل) ٽنڊوآدم پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي انتظام هيٺ هلندڙ بنيادي صحت مرڪز (بي ايڇ يو) مير حسن مري کي اپگريڊ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

بابو پاتني ڳوٺ ۾ HELP پاران مفت طبي ڪيمپ، 125 کان وڌيڪ عورتن جو طبي معائنو

هيلٿ ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي پروگرام (HELP) پاران مقامي خاندانن لاءِ مفت طبي ڪيمپ ۽ حفاظتي ٽڪن بابت آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو

جنهن ۾ عورتن، ٻارن ۽ نياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪيمپ دوران 125 کان وڌيڪ عورتن جو مفت طبي معائنو ۽ طبي جائزو ورتو ويو

ڊاڪٽر معصف ۽ ڊاڪٽر فاخره پاران تجويز ڪيل دوائون پڻ مستحق مريضن کي مفت فراهم ڪيون ويون

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) بابو پاتني ڳوٺ ۾ HELP پاران مفت طبي ڪيمپ، 125 کان وڌيڪ عورتن جو طبي معائنو ڪراچي ضلعي اولڊ جي منگهوپير ٽائون جي يونين ڪائونسل 13 جي وارڊ نمبر 01 ۾ واقع بابو پاتني ڳوٺ ۾ هيل/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

جنگشاهي ۾ عوام کي صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل 22 بيڊن وارو رورل هيلٿ سينٽر بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب سخت متاثر

روزانو سوين غريب ۽ مسڪين مريض علاج لاءِ اسپتال پهچن ٿا، پر کين گهربل طبي سهولتون ميسر نه ٿي رهيون آهن

اسپتال ۾ 17 ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻيون هڪ سؤ کان مٿي ننڍو عملو تقريبن هر مهيني ڏيڍ کان ٻه ڪروڙ روپيه پگهار پيمنٽ ٿيندي

رات جي وقت بجلي جي سهولت پڻ نه هجڻ سبب مريضن ۽ اسپتال جي عملي کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

جنگشاهي (رپورٽر) جنگشاهي تعلقي ٺٽي جي ڪوهستان پٽي ۾ سنڌ جي مشهور ۽ وڏي ايراضي رکندڙ يوسي جنگشاهي ۾ عوام کي صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل 22 بيڊن وارو رورل هيلٿ سينٽر بنيادي س/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

نوابشاهه جي رهواسڻ شريفان روڊناڻي پنهنجي عزيزن سان گڏ پريس ڪلب آڏو احتجاج

ڏير روشن نول مبينا ڪارنهن جو الزام هڻي سخت تشدد ڪيو، جنهن سبب سندس ڀنهي اکين جي بينائي ختم ٿي وئي آهي

تشدد ڪانپوءِ ٿمينه کي لڪائي کين سندس فوت ٿيڻ جو اطلاع ڏنو ويو

نوابشاهه(رپورٽر) نوابشاهه پرسان ڳوٺ فقير جي ڪوهي جي رهواسڻ شريفان روڊناڻي پنهنجي عزيزن سان گڏ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي الزام /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ٽنڊوالهيار شهر جي مجاهد ڪالوني جا رهواسي زال مڙس معصوم ٻارڙن سان گڏجي احتجاج

ڪجھ ڏينهن اڳ مجاهد ڪالوني ۾ اسان جي مائٽن ممتاز، مهتاب ۽ آفتاب جي ٻارن سان معمولي ڳالهه تان اسان جي پٽ جو جهيڙو ٿي پيو هو

اسان بي سيڪشن ٿاڻي تي مٿن اين سي ٻه داخل ڪرائي جنهن تان مددگار پوليس جو ننڍو منشي نور حسن پتافي اسان تي مچرجي ٿاڻي پهچي جوابدارن کي آزاد ڪرائي

اسان کي ڌمڪيون ڏئي ڀڄائي ڇڏيو جيڪو هاڻي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيو آهي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر)ٽنڊوالهيار شهر جي مجاهد ڪالوني جا رهواسي زال مڙس معصوم ٻارڙن سان گڏ مددگار پوليس جي ننڍي منشي جي ڏاڍائين خلاف پريس ڪلب پهچي ويا ان موقعي تي نور محمد پٽي ۽ سندس زال ياسين ميڊيا آڏو دانهيند/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

منگهوپير ٽائون ۾ رمضان ڳوٺ ۾ الشفاءِ فائونڊيشن جي سهڪار ۽ يونيسيف جي معاونت سان عوامي صحت بابت پروگرام منعقد

وائيس چيئرمين رانا محمد عارف سميت ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي نمائندن، لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن، معزز علائقي واسين ۽ شهرين شرڪت ڪئي

ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي پروگرام جي مختلف حصن جو دورو ڪيو ۽ شهرين لاءِ فراهم ڪيل طبي سهولتن، انتظامن ۽ ٻين سرگرمين جو جائزو ورتو

هن منتظمين کان پروگرام جي مقصدن ۽ عوام کي فراهم ڪيل سهولتن بابت تفصيلي ڄاڻ پڻ حاصل ڪئي

ڪراچي(رپورٽر) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي يونين ڪائونسل 01 مائي ڳڙهي جي علائقي رمضان ڳوٺ ۾ الشفاءِ فائونڊيشن جي سهڪار ۽ يونيسيف جي معاونت سان عوامي صحت بابت پروگرام منعقد ڪيو ويو. جنهن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

منگهوپير ٽائون ۾ رمضان ڳوٺ ۾ الشفاءِ فائونڊيشن جي سهڪار ۽ يونيسيف جي معاونت سان عوامي صحت بابت پروگرام منعقد

ميرپور ماٿيلو ۾ استاد جو ڳوٺ جي بااثرن خلاف احتجاج

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ڳوٺ عبدالرحمان شر جي رهواسي استاد ظفر شر جو پنهجي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

غير قانوني رڪشن ۾ لڳل وڏي آواز ۾ ٽيپ رڪارڊ هلائڻ وارن خلاف ڊي ايس پي سيوهڻ احمد بخش راهوجو وڏو ايڪشن

سيوهڻ (رپورٽر) سيوهڻ شهر اندر غير قانوني رڪشن ۾ لڳل وڏي آواز ۾ ٽيپ رڪارڊ هلائڻ وارن خ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

سچل ڪالوني ۾ 23 ورهين جي نوجوان شيراز لغاري مبينه طور آپگهات ڪري پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

نوجوان شيراز ولد معروف لغاري گهر جي ڇت ۾ لڳل لوهي پائيپ ۾ رسو ٻڌي مبينه طور آپگهات ڪري زندگي جو انت آندو

اطلاع تي بي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي سول اسپتال منتقل ڪيو

نوجوان جي 6 مهينا اڳ پسند جي شادي ٿي هئي. سندس گهرواري ٻه ڏينهن اڳ ڪاوڙجي پنهنجن مائٽن وٽ هلي وئي هئي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد اندر سچل ڪالوني ۾ 23 ورهين جي نوجوان شيراز لغاري مبينه طور آپگهات ڪري پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو لاش اسپتال منتقل. ضروري ڪارروائي بعد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جو ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز ڄامشورو جو دورو

ڊجيٽل لائبريري انچارج نرنجن راڄاڻي ۽ فزيڪل لائبريري انچارج لياقت علي رضوي صاحب کيس اداري جي ڪم ڪار بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني

ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي اداري جي مختلف حصن خاص طور تي اسڪيننگ روم، لائبريري، ريڊنگ روم جو معائنو ڪيو جتي کيس ڄاڻ ڏني وئي

هتي سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت بابت ناياب ڪتابن، قلمي نسخن ۽ رسالن کي ڊجيٽلائيز ڪري محفوظ ڪيو پيو وڃي

ڄامشورو (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جو ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز ڄامشورو جو دورو ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري ڄامشوري ۾ قائم علمي، ادبي ۽ تحقيقي اداري ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26



ڄامشورو: ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جو ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز ڄامشورو جو دورو ڪندي

ڄامشورو ۾ ترقياتي ڪمن ۾ مبينا ڪرپشن خلاف رهواسين جو احتجاج

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو ۾ ترقياتي ڪمن ۾ مبينا ڪرپشن خلاف رهواسين جو احتجاج. ٺيڪيد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ٽنڊوالهيار: منشيات ڪيس ۾ ٻن جوابدارن ٻه سال قيد جي سزا

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار جي عدالت منشيات جي ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي ٻه سال قيد ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

سوڀوديرو پرسان ڳوٺ ايريون جي رهواسي رٽائر فوجي ظهير احمد سومرو جو لاشاري برادري جي ظلمن خلاف احتجاج

ڪجھ ڏينهن اڳ هو پنهنجي زمين جي جاءِ تي ڪم ڪرائي رهيو هو ته لاشاري برادري سان تعلق رکندڙ ڪجھ ماڻهن مبينا طور مٿس حملو ڪيو

واقعي کانپوءِ عظيم لاشاري جي مبينا طور هارٽ اٽيڪ سبب فوتگي ٿي، جنهن جو الزام ۽ خون مٿن مڙهيو پيو وڃي

سوڀوديرو (رپورٽر) سوڀوديرو پرسان ڳوٺ ايريون جي رهواسي رٽائر فوجي ظهير احمد سومرو جو لاشاري برادري جي ظلمن خلاف احتجاج شفاف انڪوائري جو مطالبو سوڀوديرو پرسان ڳوٺ ايريون جو رهواسي ظهير احمد سومرو تعلقه پريس ڪلب سوڀوديرو پهچي دانهيندي چيو ته ڪجھ ڏينهن اڳ هو پنهنجي زمين جي جاءِ تي ڪم ڪرائي رهيو هو ته لاشاري برادري سان تعلق رکندڙ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

بدين پوليس جو وڏيون ڪارروائيون 14 جوابدار گرفتار، چرس، گٽڪا ۽ شراب هٿ

2 ڪلو کان وڌيڪ چرس، 5900 ديسي گٽڪا، 159 ليٽر ديسي شراب، هڪ آڪٽرا بٽ ۽ 3200 روپيا روڪ رقم برآمد ڪئي وئي

گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي

بدين (رپورٽر) : ضلعي پوليس پاران منشيات فروشن ۽ جوابدارن خلاف سخت ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي. جنهن دوران پوليس مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي 14 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ترجمان موجب پوليس ڪار/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30